روزاني

سنڌيار

ايڊيٽر: اعجاز مهر

REG NO. 3833

ABC Certified

سکر

www.dailysindhyar.com

sindhyarskr@gmail.com

(جلد 02) آچر25 فيبروري 2024 ع بمطابق14شعبان المعظم 1445ھ(قيمت 10 روپيا) شمارو:271

عمران خان شهباز شريف جو رستو روڪڻ جي ڪوشش ئي نه ڪئي: بلاول ڀٽو

عمران خان جي آءِ ايم ايف کي لکيل خط سان ڪو به فرق نه پوندو پر ان جي نتيجي ۾ پي ٽي آءِ باني پاڪستاني عوام آڏو وائڪوٽي ويندو پي ٽي آءِ اعلان ڪيو ته پيپلز پارٽي ووٽ نه ايندا

تحريڪ انصاف غلطي جي معذرت حقيقت ۾ اتحاد ڪائونسل ڪي به پنهنجي ڪارڪنن کي سچ ٻڌائڻ گهرجي ته وٽن حڪومت ناهڻ لاءِ گهربل نمبر نه آهن. ڪوڙا الزام هڻندڙ اهو نه سمجهن ته بليڪ ميل ٿينداسين

جيڪي اسان ووٽ لڙي آيا سنڌن ساٿ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ۽ هاڻي اسان جي حڪومت ٺهي رهي آهي. 2018 ع وارين ۽ هاڻوڪي چونڊن ۾ ڪو گهڻو فرق نه آهي

اسان جا اعتراض ۽ شڪايتون آهن جنهن جي پيروي ڪنداسين، چونڊن نتيجن خلاف اڄڪلهه اهڙيون پارٽيون احتجاج ڪري رهيون آهن جيڪي پاڻ ڌانڌلي ڪانسواءِ نٿيون ڪٽي سگهن

ڌانڌلي ڪانسواءِ نه ڪٽي سگهندڙ هاڻي پ پ تي تنقيد ڪري رهيون آهن، ڪجهه پارٽيون انڪري احتجاج ڪري رهيون آهن ته وڌيڪ ڌانڌلي ٿئي ۽ ڪين به هڪ اڌ سيٽ ملي وڃي

اسان جي ٻن ڪارڪنن کي چونڊن کان اڳ شهيد ڪيو ويو. شهيدن جي وارثن کي چيو ويو ته پيپلز پارٽي جو ساٿ نه ڏيو. گهروارن پاران منع ڪرڻ تي عبدالرحمان کي شهيد ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، عمران خان پاران آءِ ايم ايف کي خط لکڻ واري معاملي ردعمل جو اظهار ڪندي چيو آهي ته ان خط سان ڪو به فرق نه پوندو پر ان جي نتيجي ۾ پي ٽي آءِ باني پاڪستاني عوام آڏو وائڪوٽي ويندو، ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو چيو ته تحريڪ انصاف غلطي جي معذرت حقيقت ۾ اتحاد ڪائونسل ڪي به پنهنجي ڪارڪن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪراچي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پريس ڪانفرنس ڪندي

ملڪ ۾ صدارتي چونڊن جي امڪاني تاريخ سامهون اچي وئي، 9 مارچ تي ٿيڻ جو امڪان

اسلام آباد (م ڊ) ملڪ ۾ صدارتي چونڊون 9 مارچ تي ٿيڻ جو امڪان آهي اليڪشن ڪميشن ذريعن موجب، اليڪشن ڪميشن ٽي مارچ تي ٿيندڙ صدارتي چونڊن بابت باضابطه شيڊيول جاري ڪندو. ياد رهي ته صدر عارف علوي جو پنج سال آئيني مدو ان سيپٽمبر 2023ع تي پورو ٿي چڪو آهي ملڪ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ن ليگ جو ملڪ احمد خان پنجاب اسيمبلي جو اسپيڪر چونڊجي ويو

327 ميمبرن ووٽ ڪاسٽ ڪيو، نوازليگ جو ملڪ احمد خان 225 ووٽ کڻي ڪامياب ٿيو

ميمبرن کي اسيمبلي ۾ اچڻ کان روڪيو پيو وڃي، ميان اسلم اقبال محفوظ هنڌ نه آهي: سني ڪائونسل

لاهور (م ڊ) پنجاب اسيمبلي ۾ مسلم ليگ (ن) جو ملڪ احمد خان پنجاب اسيمبلي جو اسپيڪر چونڊجي ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

آءِ پي پي صدر عبدالعليم خان پنجاب اسيمبلي جي سيٽ ڇڏي ڏني، قومي

لاهور (م ڊ) استحڪام پاڪستان پارٽي (آءِ پي پي) جي صدر عبدالعليم خان لاهور جي صوبائي اسيمبلي جي حلقي پي پي 149 جي سيٽ ڇڏي ڏني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

جي ڊي اي جو احتجاج، عورتن سميت سوين ڪارڪن گرفتار، 27 فيبروري تي ڪارو ڏينهن ملهائڻ جو اعلان

جي ڊي اي، جماعت اسلامي، جي يو آءِ ۽ قومي عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن جو احتجاج، احتجاج دوران پوليس ۽ جي ڊي اي ڪارڪنن وچ ۾ ڇڪتاڻ تيز، پوليس پاران ڪارڪنن تي لٺبازي

راشد محمود سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ ڪراچي ٽول پلازا، سسئي ٽول پلازا ۽ ڪارساز وٽ لڳايل ڌرڻا ختم ڪيا ويا، ڌرڻن ۾ شريڪ جي يو آءِ ۽ جي ڊي اي جا ڪارڪن ڪراچي پريس ڪلب آڏو گڏ ٿي ويا

احتجاج سبب شاهراهه فيصل تي نرسري کان ايف ٽي سي پُل تائين ٽريفڪ جي رواني سخت متاثر، ڪارساز وٽ به احتجاج، ڪراچي ٽول پلازا کي بند ڪري جي يو آءِ ڪارڪنن کي پوليس پاران روڪيو ويو

ڪارڪنن کي ڇڙ وڇڙ ڪرڻ لاءِ لٺبازي ڪئي وئي، عورتن سميت 50 کان وڌيڪ ڪارڪن کي گرفتار ڪيو ويو، شهر ۾ قلم 144 لاڳو آهي، ڪنهن کي به ريڊ زون ۾ داخل ٿيڻ نه ڏنو ويندو: پوليس

جي ڊي اي، پي ٽي آءِ، جماعت اسلامي جو ڌرڻو ختم، احتجاج ڪندڙ پارٽين 27 فيبروري اڳاري ڏينهن ڪارو ڏينهن ملهائڻ جو اعلان ڪيو، صفدر عباسي اعلان ڪري ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس (جي ڊي اي) پاران چونڊ نتيجن خلاف سنڌ اسيمبلي ٻاهران احتجاج دوران عورتن سميت سؤ کان وڌيڪ ڪارڪنن کي گرفتار ڪري شهر جي مختلف ٿاڻن ۾ منتقل ڪيو ويو آهي. سنڌ اسيمبلي ٻاهران جي ڊي اي، جماعت اسلامي، جي يو آءِ (ف) ۽ قومي عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن جو احتجاج جاري آهي. احتجاج دوران پوليس ۽ جي ڊي اي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪراچي: قومي عوامي تحريڪ جي ڪارڪن عورت کي گرفتار ڪيو پيو وڃي

اسان قسم کڻنداسين، ماڻهو احتجاج ڪندا رهندا: مراد علي شاهه

اڳ ۾ ئي ٻڌايو هو ته ڪين ڪيتريون سيٽون ملنديون، اسان کي اميد کان وڌيڪ سيٽون مليون آهن

پاڪستان ۾ ڪيترائي مسئلا آهن ۽ اسان گڏجي انهن جو حل ڪنداسين، وفاقي ۽ صوبائي حڪومت لاءِ وڏا چئلينج آهن

اعتماد ڪرڻ تي پارٽي قيادت جو ٿورائتو آهيان، قيادت جي اعتماد تي پورو لهڻ جي ڪوشش ڪندس

پ پ پاران نامزد وڏو وزير مراد علي شاهه

سنڌ جي نامزد وڏي وزير مراد علي شاهه چيو آهي ته اسان قسم کڻنداسين، ماڻهو احتجاج ڪندا رهندا. اڳ ۾ ئي ٻڌايو هو ته ڪين ڪيتريون سيٽون ملنديون، اسان کي اميد کان وڌيڪ سيٽون مليون آهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي چونڊ اڄ ٿيندي

پ پ قيادت اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي بنا مقابلي چونڊ چاهي ٿي

ناصر حسين شاهه ۽ شرجيل ميمڻ کي ايم ڪيو ايم سان رابطي جي ذميواري ڏني وئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي چونڊ اڄ ٿيندي. سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر آغا سراج دراني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

رستن تي ڪنٽينر هٽي هئين خالي ماڻهن کي ڀڄايو پيو وڃي: حافظ نعيم الرحمان

نوازليگ، ايم ڪيو ايم پاڪستان ۽ پيپلزپارٽي جو اتحاد جعلي قسم آهي

سنڌ اسيمبلي ۽ ٻيهون رزار جعلي مينڊيٽ وارا آهن، عوامي اسيمبلي پريس ڪلب ٻاهران ريڪي آهي

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم الرحمان چيو آهي ته رستن تي ڪنٽينر هٽي هئين خالي ماڻهن کي ڀڄايو پيو وڃي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

سنڌ اسيمبلي جي چونڊيل ميمبرن قسم کڻي ورتو، اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي چونڊ اڄ ٿيندي

سنڌ اسيمبلي خلاف ڌرڻو هنيو پيو وڃي، ان اسيمبلي ۾ پاڪستان ناهير آهي، ان جي توهين ڪرڻ نه ڏني ويندي: آغا سراج دراني

روايتن موجب ايوان 5 سال هلندو، جنهن کي تڪليف آهي اهو اليڪشن ٽربيونل وڃي، احتجاج ڪندڙن کي عوام رد ڪري چڪو آهي

پي ٽي آءِ جا حمايت يافته آزاد اميدوار قسم کڻڻ نه آيا جڏهن ته جماعت اسلامي ۽ جي ڊي اي ميمبر حلف بردار تقريب ۾ نه پهتا

ڪراچي (ويب ڊيسڪ) سنڌ اسيمبلي جي نئين چونڊيل ميمبرن قسم کڻي ورتو. سنڌ اسيمبلي جو اجلاس اسپيڪر آغا سراج دراني جي صدارت ۾ شروع ٿيو، اسيمبلي جو اجلاس 40 منٽ دير سان شروع ٿيو. اجلاس ۾ آغا سراج دراني ميمبرن کان قسم ورتو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪراچي: نامزد وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ۽ ٻيا ميمبر حلف کڻي رهيا آهن

منظور وساڻ پير صدرالدين شاهه کي خيرپور مان چونڊون وڙهڻ جو چيلينج ڏئي ڇڏيو

جي ڊي اي جو احتجاج بنا ڪنهن مطلب جي آهي، پاڻ ڌانڌلي به ڪن ٿا ۽ پوءِ احتجاج به ڪندا آهن: منظور وساڻ

مان پير صدرالدين شاهه راشدي کي چيلينج ڪريان ٿو ته اهو خيرپور جي ڪنهن به تڪ تان منهنجي مقابلي ۾ چونڊون وڙهي

پي ٽي آءِ پنهنجي پيرن تي پاڻ ڪهاڙي هنئي آهي، عمران خان جو ڪو به مستقبل نه آهي، صرف اونداهي ئي اونداهي آهي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ منظور وساڻ فنڪشنل ليگ جي پير صدرالدين شاهه راشدي کي خيرپور مان چونڊون وڙهڻ جو چيلينج ڏئي ڇڏيو آهي سنڌ اسيمبلي ٻاهران صحافين سان ڳالهيون ڪندي منظور وساڻ چيو ته جي ڊي اي جو احتجاج بنا ڪنهن مطلب جي آهي، پاڻ ڌانڌلي به ڪن ٿا ۽ پوءِ احتجاج به ڪندا آهن. هن چيو ته مان پير صدرا/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

جي يو آءِ پاران ڪارڪنن تي پوليس تشدد جي مذمت، آزادي جو مطالبو

مارشل لا جي جبر جو مقابلو ڪيو، زرداري اينڊ ڪمپني جي جبر جو به مقابلو ڪنداسين: ترجمان

جمهوريت ۽ آئين جون ڳالهيون ڪندڙن جا چهرا اڄ ڪراچي ۾ وائکا ٿي ويا، پرامن احتجاج حق آهي

ڪراچي (رپورٽر) جمعيت علماءِ اسلام ڪراچي ۾ جي يو آءِ ڪارڪنن تي پوليس تشدد جي مذمت ڪندي گرفتار ڪارڪنن کي فوري آزاد ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي. جي يو آءِ ترجمان اسلم غوري چيو ته قيادت ۽ ڪارڪنن مارشل لا جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پرامن احتجاج ڪيو وڃي، شهرين کي تڪليف نه ڏني وڃي: ميئر ڪراچي

سياسي مخالف سنڌ اسيمبلي جو گهيراءُ ڪري ڇا ثابت ڪرڻ چاهين ٿا

تنقيد پاسي تي رکي شهر جي باري ۾ سوچيو وڃي، احتجاج مهذب ۽ پرامن ڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته سياسي مخالف سنڌ اسيمبلي جو گهيراءُ ڪري ڇا ثابت ڪرڻ چاهين ٿا. ڪراچي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب چيو ته تنقيد پاسي تي رکي شهر جي باري ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پهريون ڀيرو سنڌ اسيمبلي جي ملازمن تي هال ۾ وڃڻ تي پابندي لاڳو!

سمورن آفيسرن ۽ عملي کي هال واري پاسي وڃڻ تي پابندي لاڳو ڪئي وئي: نوٽيفڪيشن

پابندي تي عمل نه ڪندڙ آفيسرن ۽ عملي خلاف ڪارروائي جو حڪم ڏنو ويو آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي سنڌ اسيمبلي جي ملازمن تي اسيمبلي هال ۾ وڃڻ تي پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي، اسيمبلي جي اسسٽنٽ سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

سنڌ اسيمبلي ٻاهران ڪارڪنن تي تشدد هڪ ڀيو ڪارو باب آهي: جماعت اسلامي

پرامن احتجاج سياسي پارٽين جو آئيني ۽ جمهوري حق آهي، حق ملڻ تائين چونڊ نتيجن خلاف احتجاج جاري رهندو

ڪراچي ۾ جماعت اسلامي جو ميڊيٽ چوري ڪيو ويو، يوٽيليٽي اسٽورز تي عام مارڪيٽ کان وڌيڪ قيمتون نااهلي جو واضح ثبوت آهي

عوام کي رليف پئڪيج بدران تڪليف پئڪيج ڏنو پيو وڃي، عوام جي ڏکيائين ۾ اضافو آءِ ايم ايف جي غير مشروط غلامي جو نتيجو آهي

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي جي ترجمان قيصر شريف چيو آهي ته سنڌ اسيمبلي ٻاهران پوليس گردي جي مذمت ڪيون ٿا. سياسي ڪارڪنن تي تشدد هڪ ڀيو ڪارو باب آهي. هڪ بيان ۾ سنڌس چوڻ هو ته پرامن احتجاج سياسي پارٽين جو آئيني ۽ جمهوري حق آهي. پنهنجو حق ملڻ تائين چونڊ نتيجن خلاف احتجاج جاري رهندو. هن چيو ته ڪراچي ۾ جماعت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

قومي اسيمبلي ۾ اقليتن جي سيٽن تي ڪامياب ميمبرن جا نوٽيفڪيشن جاري

7 سيٽن مان نوازليگ کي 4، پيپلزپارٽي کي 2 ۽ ايم ڪيو ايم کي هڪ سيٽ ملي

نوازليگ جا کيئل داس ڪوهستاني، ڊاڪٽر درشن، نيلسن عظيم ۽ اسفنديار ڀنڊارا ميمبر ٿي ويا

پيپلزپارٽي جا رميش لال ۽ نويد عامر ۽ ايم ڪيو ايم جي مهان منجياني به قومي اسيمبلي ۾ پهچي ويا

اسلام آباد (م ڊ) اليڪشن ڪميشن قومي اسيمبلي ۾ اقليتن جي مخصوص سيٽن تي ڪامياب 7 ميمبرن جي ڪاميابي جا نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيا آهن اقليتن جي 7 سيٽن مان پاڪستان مسلم ليگ(ن) کي 4، پيپلزپارٽي کي 2 ۽ ايم ڪيو ايم کي هڪ سيٽ ملي. مسلم ليگ(ن) طرفان کيئل داس ڪوهستاني، ڊاڪٽر درش، نيلسن عظيم ۽ اسفنديار/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

بئريسٽر گوهر خلاف بيان، پي ٽي آءِ اڳواڻ شيرافضل مروت کي شوڪاز جاري

اوهان جي بيان سبب ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي، ٻن ڏينهن اندر معافي نامو جمع ڪرايو: نوٽيس

تسلي بخش جواب نه ڏيڻ جي صورت ۾ پارٽي پاليسي موجب ڪارروائي ڪئي ويندي

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف شير افضل مروت کي شوڪاز نوٽيس جاري ڇڏيو شير افضل مروت نئين چونڊيل ايم اين اي شير افضل مروت کي گڏيل/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

سني اتحاد کي هفتي اندر سيٽون نه ملڻ جي صورت ۾ ٻين کي ملنديون: ذريعا

اسلام آباد (بيورو) ذريعن ٻڌايو آهي ته پي ٽي آءِ جي حمايتي ميمبرن جي شموليت ڪانپوءِ جيڪڏهن ايندڙ هفتي تائين سني اتحاد جي مخصوص سيٽن جي درخواست تي فيصلو نه ٿيو ته سيٽون ٻين پارٽين ۾ ورهايون وينديون. سني اتحاد ڪائونسل ۾ مخصوص سيٽن لاءِ پي ٽي آءِ ميمبرن جي شموليت ڪانپوءِ پنجن ئي اسيمبلين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

لاهور: نواز ليگ اڳواڻ حنا پرويز بٽ اسپيڪر جي چونڊ جي لاءِ ووٽ وجهندي

محسن نقوي جي مريم نواز سان ملاقات، اهم منصوبن تي بريفنگ

نگران وڏي وزير محسن نقوي، مريم نواز سان گاهه جاتي امرا ۾ ملاقات ڪئي، وزيراعليٰ نامزد ٿيڻ تي مبارڪون

تاريخ ۾ پهريون ڀيرو عورت وزيراعليٰ ٿيڻ هڪ روشن مثال آهي، اوهان جي ڪاميابي لاءِ دعاگو آهيان: محسن نقوي

اوهان جي شروع ڪيل عوامي مفاد وارن منصوبن کي اڳتي وڌايو ويندو: مريم نواز جي محسن نقوي کي خاطري

لاهور (م ڊ) پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي ن ليگ پاران پنجاب جي نامزد وزيراعليٰ مريم نواز سان ملاقات ڪئي. نگران وڏي وزير محسن نقوي، مريم نواز سان سنڌس رهائش گاهه جاتي امرا ۾ ملاقات ڪئي ۽ ڪيس ن ليگ طرفان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ايف اي ٽي ايف گڏيل عرب امارات کي گري لسٽ مان ڪڍي ڇڏيو

گڏيل عرب امارات کي غيرواضح ناڻي جي ڏي وٺ سبب گري لسٽ ۾ شامل ڪيو ويو هو

پيرس(م ڊ) فنانشل ايڪشن ٽاسڪ فورس(ايف اي ٽي ايف) گڏيل عرب امارات کي گري لسٽ مان ڪڍيو آهي. پرڏيهي ميڊيا اداري موجب گڏيل/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

چين جي شهر نانجنگ ۾ عمارت ۾ باهه لڳڻ سبب 15 ڄڻا مارجي ويا

نانجنگ (م ڊ) چين جي شهر نانجنگ ۾ هڪ عمارت ۾ باهه لڳڻ سبب 15 ڄڻا مارجي ويا ۽ 40 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا آهن. برطانوي اداري جي رپورٽ موجب نانجنگ شهر ۾ هڪ ڏکيي عمارت ۾ باهه لڳي وئي جڏهن ته باهه لڳڻ جو ڪارڻ ناهي ٻڌايو ويو اختيارين ٻڌايو ته ايمرجنسي سروس جي عمڪي کي مقامي وقت شام 4/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي: پ پ سينيٽر وقار مهدي سنڌ اسيمبلي ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ سائفر ۽ توشه خانه ڪيس ۾ عمران خان جي ٻنهي اپيلن تي خاص بينچ جوڙي ڇڏي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ)اسلام آباد هاءِ ڪورٽ سڪرند ۾ توشه خانه ڪيس ۾ عمران خان جي ٻنهي اپيلن تي خاص بينچ جوڙي ڇڏي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي رجسٽرار عمران خان جي اپيل سومر تي ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪري ڇڏي آهي، جنهن جي ٻڌڻي چيف جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب تي ٻڌل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

عمران خان جو آءِ ايم ايف کي خط لکڻ نوَمئي کان وڏو سانحو آهي: شرجيل ميمڻ

سياسي جماعت جو خط ملڪ جي 24 ڪروڙ عوام جي معاشي مفادن تي حملو آهي

آءِ ايم ايف سنڌن ڳالهه مڃي ته لکين خاندان فاقا ڪشي تي مجبور ٿي ويندا، ڪجهه شرپسند عنصر عدم استحڪام چاهين ٿا

ڪو به محب وطن آءِ ايم ايف کي خط نٿو لکي سگهي، آءِ ايم ايف جي خط آڏو نوَمئي وارا واقعا معمولي شيءِ آهن

ڪراچي (رپورٽر) پ پ اڳواڻ شرجيل ميمڻ چيو آهي ته عالمي مالياتي اداري (آءِ ايم ايف) کي خط لکڻ نوَمئي کان وڏو سانحو آهي. سياسي جماعت جو خط ملڪ جي 24 ڪروڙ عوام جي معاشي مفادن تي حملو آهي. ڪراچي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي شرجيل ميمڻ چيو ته آءِ ايم ايف سنڌن ڳالهه مڃي ته لکين خاندان فاقا ڪشي تي مجبور ٿي ويندا. ڪجهه شر پسند عنصر عدم استحڪام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

پارليامينٽ مان اڳوڻن اسيمبلي ميمبرن کان رهائشگاهون خالي ڪرائڻ لاءِ آپريشن شروع

لاجز خالي نه ڪندڙ 8 اڳوڻن ميمبرن جي خلاف گڏيل ڏينهن سي ڊي اي جي عملي جو آپريشن ڪيو

آپريشن دوران اڳوڻي ايم اين اي منوره بيگم جي رهائشگاهه کي نوٽيفڪيشن لڳائي سيل ڪيو ويو

اڳوڻي اسيمبلي ميمبر مولانا صلاح الدين ايوبي جي لارجز جو قبضو وٺي ان جو سامان ٻاهر ڪيو ويو

اسلام آباد (م ڊ) ٽون قومي اسيمبلي ميمبرن کي رهائشگاهون ڏيڻ لاءِ اڳوڻن اسيمبلي ميمبرن کان پارليامينٽ لاجز کي خالي ڪرائڻ لاءِ نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن. نوٽيس جو مدو پورو ٿيڻ کان پوءِ رضاڪارانه طور تي لاجز خالي نه ڪندڙ 8 اڳوڻن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪراچي ۾ ڦر دوران مزاحمت تي هٿيارٻندن جي فائرنگ، 2 سڳا ڀائر قتل

اورنگي ٽائون بنارس فلائي اوور تي هٿيارٻندن 2 سڳن ڀائرن کي زخمي ڪيو

مقتول ڀائر منگهو پير خيرآباد جا رهواسي هئا ۽ درزي جي دڪان ۾ نوڪري ڪندا هئا

ڪراچي: (رپورٽر) ڪراچي ۾ ڦورن جي ديده دليري ۽ پوليس جي بي وسي جي نتيجي ۾ هٿين خالي شهرين جو قتل معمول بڻجندو پيو وڃي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

نوازليگ جو چونڊ مهم دوران مفت بجلي ڏيڻ جو اعلان آءِ ايم ايف سان مشروط

ڏسبو آءِ ايم ايف پروگرام جون ڪهڙيون شرطون آهن، ان ڪانپوءِ مفت بجلي ڏيڻ جو فيصلو ڪنداسين: عظميٰ بخاري

مريم نواز وڏي وزير چونڊجڻ ڪانپوءِ صحت ڪارڊ بابت ٻڌائيندي، نوجوانن بابت پروگرام جو خيال مريم نواز جو هو

چئلينجز آهن پر مريم نواز کي پنهنجي والد نواز شريف جي سرپرستي حاصل آهي: انٽرويو ۾ ڳالهيون

لاهور (م ڊ) پاڪستان مسلم ليگ ن جي اڳواڻن چونڊ مهم دوران مفت بجلي ڏيڻ جو اعلان آءِ ايم ايف سان مشروط ڪري ڇڏيو آهي. پاڪستان مسلم ليگ ن جي اڳواڻ عظميٰ بخاري هڪ انٽرويو ۾ چيو ته پاڪستان لاءِ اهو اعزاز آهي ته مريم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

يوٽيليٽي اسٽورن تي اٽو، کنڊ ۽ چانور عام مارڪيٽ کان مهانگا وڪرو ٿيڻ لڳا

عام مارڪيٽ ۾ 2792 ۾ ملندڙ 20 ڪلواٽي جو ٿيلهو يوٽيليٽي اسٽورز تي 2840 روپين ۾ وڪامڻ لڳو

سيلا چانور عام مارڪيٽ جي نسبت يوٽيليٽي اسٽورز تي 53.40 روپيه مهانگو وڪرو ٿي رهيو آهي

مارڪيٽ ۾ اڇا چٽا 391 روپيه في ڪلو جڏهن ته يوٽيليٽي اسٽورز تي اڇا چٽا 405 روپين ۾ وڪامڻ لڳا

اسلام آباد (م ڊ) ملڪ جي يوٽيليٽي اسٽورن تي اٽو، کنڊ ۽ چانور عام مارڪيٽ کان مهانگي اگهن تي وڪرو ٿي رهيا آهن. انگن اکرن موجب يوٽيليٽي اسٽورز تي 20 ڪلو اٽي جو ٿيلهو 2840 روپين ۾ وڪرو ٿي رهيو آهي جڏهن ته عام/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

لاهور: پنجاب پوليس جا اهلڪار اسيمبلي ٻاهران چوڪس بيٺل آهن

خان ميانوالي مان چونڊ وڙهندو ۽ وزيراعظم طور حلف کڻندو: فيصل جاويد

پي ٽي آءِ جي باني جا سمورا ڪيس ڪوڙا آهن، جلد سامهون اچي ويندا

هي اليڪشن فارم 45 ۽ فارم 47 جي وچ ۾ هئي، ٽيلينگ دوران غلط نمبر لکيا ويا

اسلام آباد(بيورو رپورٽ)تحريڪ انصاف جي اڳواڻ فيصل جاويد چيو آهي ته پي ٽي آءِ جي باني ۽ سنڌس گهرواري کي جلد آزاد ڪيو ويندو. هو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

پي ٽي آءِ اڳواڻ فيصل جاويد

ريحام خان جو 8 سالن ڪانپوءِ ٻي فلم "چيما، چٺا اينڊ باجوا" ناهڻ جو اعلان

ڪراچي(رپورٽر)ٽي وي هوسٽ، ليکڪ ۽ فلم پروڊيوسر ريحام خان تصديق ڪئي آهي ته هو 8 سالن بعد پنهنجي ٻي فلم "چيما، چٺا اينڊ باجوا" ناهيندي. رپورٽس موجب 2016 ۾ ريحام خان پهرين فلم "جانان" ناهي هئي، جنهن ۾ علي رحمن، بلال اشرف ۽ هانيا عامر سميت ٻيا اداڪار شامل هئا ۽ هانيا عامر ان ئي فلم/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

نواز ليگ جي اڳواڻ عظميٰ بخاري

مهتاب راشدي، شهلا رضا، ناز بلوچ ۽ ٻيون ايم اين اي ٿي ويون

شگفتا جماڻي، شاهد رحماني، مسرت مهيسر، مهرين ڀٽو، شازيا ثوبيا ۽ ناز بلوچ به شامل

اسلام آباد(م ڊ) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان قومي اسيمبلي ۾ عورتن جي مخصوص سيٽن جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سڀاڻي کان ملڪ جي مختلف شهرن ۾ برسات جو امڪان، پي ڊي ايم اي پاران الرٽ جاري

متاثين خيبرپختونخواهه، گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير ۾ برسات ۽ ڪجهه هنڌن تي برفباري جي اڳڪٿي

اٽڪ، راولپنڊي، جهلم، چڪوال، سرگودها، ميانوالي، ڀکر، ليهه ۽ ديره غازي خان ۾ برسات ۽ ڳڙي پوڻ جو امڪان

لاڳاپيل ضلعن جي عملي ۽ مشينري کي هاءِ الرٽ رکڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي: ڊي جي پي ڊي ايم اي

اسلام آباد (م ڊ) موسميات کاتي ملڪ جي مختلف شهرن ۾ برسات ۽ برفباري جو امڪان ظاهر ڪري ڇڏيو آهي. متاثين خيبرپختونخواهه، گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير ۾ برسات جڏهن ته ڪجهه هنڌن تي برفباري جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. موسميات کاتي پنجاب ۽ سنڌ جي مختلف علائقن ۾ به برسات جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي آهي. موسميات کاتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ٺڪراڻو ويجهو ڳوٺ نانگوو جي پرائمري اسڪول سهولتن کان محروم، احتجاج

ٺڪراڻو ويجهو ڳوٺ نانگورو جي بوائز پرائمري اسڪول مياداد مهر ۾ سهولتن جي کوٽ خلاف شاگردن احتجاجي مظاهرو ڪيو

اسڪول ۾ دريون فرنيچر واش روم چارديواري، پيئڻ جي پاڻي سميت ڪي به بنيادي سهولتون نه ناهن، 250 کان مٿي شاگرد سخت تڪليفن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن: ڳوٺاڻا

ڪيترائي ڀيرا مراد علي شاهه ۽ تعليم کاتي جي اختيارين کي شڪايتون ڪيون آهن پر ان باوجود اسڪول ۾ سهولتون ناهن مليون

ٺڪراڻو: ڳوٺ نانگوو جي سرڪاري اسڪول ۾ سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٺڪراڻو(ن سنڌيار) ٺڪراڻو ويجهو ڳوٺ نانگورو جي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول مياداد مهر ۾ سهولتن جي کوٽ خلاف ڳوٺاڻن جو شاگردن سان گڏ احتجاجي مظاهرو سهولتون نه ملڻ تائين اسڪول ۾ پڙهندڙ 7 ڳوٺن جي ٻارڙن جي والدين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سکر ۾ پوليس چوري ٿيل موبائيل فون هٿ ڪري مالڪن حوالي ڪري ڇڏيا

پوليس ڪاروائين دوران شهر جي مختلف علائقن مان هٿ ڪيل 40 لک رپين کان وڌيڪ ماليت جا 39 موبائيل فون هٿ ڪري وارثن حوالي ڪيا

اصل مالڪ اهي موبائل فون شهر ۾ مختلف واقعن ۾ شهرين کان چوري ٿيڻ کانپوءِ پوليس ٽريسنگ جي مدد سان موبائل فون هٿ ڪري ورتا آهن: ترجمان

شهرين پاران چوري ۽ ڦر ٿيل قيمتي موبائيل فون واپس ملڻ تي متاثرين خوشي جو اظهار، پوليس عملدارن جي شڪريو ادا ڪيو

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر پوليس جي وڏي ڪاميابي، 40 لک رپين کان وڌيڪ ماليت جي چوري ٿيل موبائيل فون هٿ ڪري مالڪن حوالي ڪري ڇڏيا، مالڪن پاران سکر پوليس جو شڪريو ادا ڪيو ويو. ترجمان ايس ايس پي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

دادو ۾ سيتا سماجي تنظيم پاران ريل گاڏين جي بحالي لاءِ احتجاج

دادو(رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) دادو جي تاريخي ۽ قديم شهر سيتا جي سماجي تنظيم سيتا سرجڻهار فورم جي جدوجهد ڪي هڪ سا 32 ڏينهن مڪمل مسافر ريل گاڏين جي بحالي لاءِ هڪ سال کان هلندڙ جدوجهد ۾ 2 مسافر ريل گاڏين موهن جو دڙو ايڪسپريس ۽ بولان ميل بحال ٿيڻ بعد باقي رهيل ريل گاڏين جي بحالي ل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سکر: مختلف علائقن ڦر ۽ چوري ٿيل موبائيلون مالڪن حوالي ڪيون پيون وڃن

مٽياري ۾ ايس ايس پي جي سخت نوٽيس ۽ اهلڪارن جي بدلين باوجود بدامني نه گهٽجي سگهي

قومي شاهراهه تان ڪراسنگ پل وٽ ٽن هٿياربندن موٽر سائيڪل سوار ٻن شهرين شهنيل ميمڻ ۽ شيراز ميمڻ کان ڦر

هٿياربندن موٽر سائيڪل سوار ٻن شهرين شهنيل ميمڻ ۽ شيراز ميمڻ کي روڪي هٿيارن جي زور تي ڦر ڪئي

بائي پاس وٽ ٽن هٿياربندن اسان کي روڪيو ۽ هٿيار تاڻي اسان کان موبائلون ۽ کيسي ۾ پيل ڪيش ڦر ڪري فرار ٿي ويا: متاثر

مٽياري(رپورٽر) ايس ايس پي مٽياري جي سخت نوٽيس ۽ اهلڪارن جي بدلين باوجود بدامني نه گهٽجي سگهي مٽياري بائي پاس ٽن هٿياربندن جي ٻن شهرين کان ڦر. تفصيل موجب ڪجھ ڏينهن کان مٽياري ۾ بدامني جي پڙڪيل باهه / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

پي ٽي آءِ جي اتر سنڌ مان هٿ سان ٺاڏا ويڙهه ڪرائي وئي آهي: پي ٽي آءِ ڪارڪن

پي ٽي آءِ اميدوارن صرف شهر ۾ ريليون ڪيون، گهمندا رهيا، ڳوٺاڻن علائقن ۾ نه جلسا ڪيا

پي ٽي آءِ سنڌ جي قيادت پئسن تي ٽڪيٽون وڪرو ڪيون جنهن سبب پارٽي کي اتر سنڌ ۾ وڏو ڌڪ رسيو آهي

اسان پي ٽي آءِ چيئرمين ۽ ٻي مرڪزي قيادت کان مطالبو ٿا ڪريون ته سنڌ مان پارٽي کي تباهه ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ ٺوس قدم کنيا وڃن

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان تحريڪ انصاف سکر جي ڪارڪنن پي ٽي آءِ سنڌ ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سکر: پي ٽي آءِ جا اڳواڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

ماتلي ۾ معذور فيملي کي ٻن ڪمرن تي مشتمل گهر تعمير ڪرائي ڏنو ويو

ماتلي(رپورٽر) محمود صابر مسجد الفرقان رليف ٽرسٽ پاران آگو ملاح ڳوٺ ۾ معذور فيملي کي ٻن ڪمرن تي مشتمل گهر تعمير ڪرائي ڏنو ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ٽنڊوالهيار: چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ جسٽس عقيل احمد عباسي پاران ڊسٽرڪٽ ڪورٽس جو دورو

چيف جسٽس هاءِ ڪورٽ عقيل احمد عباسي ڪورٽ جي جوڊيشنل ڪامپليڪس بلڊنگ ۾ وڪلاري مهر جي حوالي سان ٻوٽا لڳايا

وڪيلن کي نظم و ضبط ۽ ڊسيپلين جو مظاهرو ڪرڻ کپي، ڪورٽ روم جو ماحول خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ کان پرهيز ڪيو وڃي: چيف جسٽس

ڪنهن جي عزت برابر آهي ڪنهن سان به نا انصافي ٿيڻ نه ڏينداسين. هن چيو ته بار ڪائونسل جا سمورا معاملا جلد حل ڪيا ويندا

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ جسٽس عقيل احمد عباسي ڊسٽرڪٽ ڪورٽس ٽنڊوالهيار جو دورو ڪيو چيف جسٽس هاءِ ڪورٽ عقيل احمد عباسي ڪورٽ جي جوڊيشنل ڪامپليڪس بلڊنگ ۾ وڪلاري مهر جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ڪنڌڪوٽ ۾ چونڊن ۾ ختم ٿيندي ئي بااثرن جون انتقامي ڪارروايون شروع

ڪجهه ڏينهن اڳ بااثر ماڻهن جي سڏ تي اسان جي پيءُ کي لٺين سان مارڪٽ ڪري سخت زخمي ڪيو ويو: مظاهرين

پوليس بااثر ماڻهن جي فرياد تي اسان جي ايف آءِ آر داخل نه ڪري رهي آهي، غلطي هئي جو هڪ بااثر شخص خلاف اليڪشن ۾ حصو ورتو

ايم اين اي، ۽ ٻين پاران ڳوٺ تي چڙهائي ڪري زخمي ڪري ڇڏيو (مظاهرين جو الزام) نوٽيس وٺي تحفظ ڏنو وڃي

ڪنڌ ڪوٽ (رپورٽ: جنيد غالب بلوچ) ڪنڌڪوٽ ۾ چونڊون ختم ٿيندي ئي بااثر ماڻهن پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

گشت کي فعال بڻائي ڌوهارين جي ڌرتي تنگ ڪنداسين: ايس ايڇ او خيرپور

خيرپورميرس (رپورٽر) علائقي ۾ پوليس گشت کي فعال بڻائي ڌوهارين جي ڌرتي تنگ ڪنداسين. ڌوهاري ڪيترو به بااثر ڇو نه هجي ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ڪنڌڪوٽ: ڳوٺاڻا بااثرن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

خانپور مهر جي ٿاڻي تي هڪ هفتي ۾ 2 ايس ايڇ اوز بدلي

خانپور مهر ٿاڻي تي مقرر ٿيل ايس ايڇ او علاوالدين قلپوٽو کي بدلي ڪري برڪت پٽي کي ايس ايڇ او مقرر ڪيو ويو

خانپور مهر ٿاڻي تان ايس ايڇ اوز جي هڪبئي پٺيان بدلين سبب امن امان جي صورتحال پڻ خراب ٿي وئي آهي

فوري طور خانپورمهر ٿاڻي تي ڪو ايماندار ايس ايڇ او مقرر ڪرائي امن امان جي صورتحال بهتر بڻائي وڃي: شهري

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر ٿاڻي تي هڪ هفتي دوران مقرر ٿيل 2 ايس ايڇ اوز بدلي، چارج اي ايس آءِ حوالي، خبر موجب اليڪشن کان خانپورمهر ٿاڻي تي مقرر ٿيل ايس ايڇ او علاوالدين فلپوٽو کي هڪ هفتو اڳ بدلي ڪري خانپور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

نئون ڪوٽ ۾ پيرسن پيءُ جو نافرمان پٽ خلاف احتجاجي مظاهرو

منهنجو پٽ محمد آصف راجپوت غلط صحبت ۾ اچي نافرمان بڻجي ويو آهي: محبوب عالم

پٽ غلط ماڻهن سان گڏجي گهر جو الهه تلهه وڪڻي تباهه ڪري ڇڏيو آهي، هاڻي زمين به وڪڻڻ چاهي ٿو

هو مون کي بار بار ڌمڪائي رهيو آهي، پٽ سان ڪنهن به قسم جو تعلق ناهي، ڪارروائي ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ ۾ پيرسن جو پٽ خلاف احتجاج، پٽ نافرمان بڻجي موٽمار ڌمڪيون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

جهمپير پرسان ميٽنگ اسٽيشن وليد ڪول مائنز جي زيادتين خلاف مظاهرو، نعريبازي

ڪوٽڙي (رپورٽر) جهمپير پرسان ميٽنگ اسٽيشن وليد ڪول مائنز جي زيادتين خلاف ۽ صفر ٻهر جي مبينا گمشدگي خلاف ايس يو پي ۽ مقامي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

نئون ڪوٽ: پيرسن پيءُ پنهنجي نافرمان پٽ خلاف احتجاج ڪري رهيو آهي

ميهڙ پرسان ٽول پلازه وٽ تيز رفتار ڪار ڪلٽي، 2 واپاري فوت

ميهڙ(رپورٽر) انڊس هاءِ وي پرسان ٽول پلازه وٽ تيز رفتار ڪار ڪلٽي ٿي کاهي ۾ ڪري پئي حادثي سبب نصيرآباد جا رهواسي واپاري نوجوان راجيش ڪمار ۽ سنتوش ڪمار هندوجا موقعي تي فوت ٿي ويا جڏهن ته اجي آهوجا ۽ وشواس ڪمار سخت زخمي ٿي پيا آهن زخمي ۽ فوتين کي تعلقي اسپتال ميهڙ آندو ويو جڏهن ته پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيا ويا ۽ زخمين کي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

مٽياري پرسان ڳوٺ ڪوڙو بالادي جي هارين پاران بااثر زميندار جي ظلمن خلاف احتجاجي مظاهرو

هارين حاجي بالادي، انور بالادي، شجاع محمد بالادي ۽ عبدالله بالادي پريس ڪلب اوڏيرولال احتجاجي مظاهرو ڪيو

بااثر زميندار مير لالا عرف خرم ٽالپر اسان جي 48 ايڪڙ هاري جي زمين تي قبضو ڪري هارپو ڦري ورتو آهي: مظاهرين

مٽياري رپورٽ (ر) اڏيرولال لڳ ڳوٺ ڪوڙو بالادي جي هر هارين پاران بااثر زميندار جي ظلمن خلاف هارين جو احتجاجي مظاهرو، بااثر زميندار مير لالا عرف خرم ٽالپر اسان جي 48 ايڪڙ هاريءَ جي زمين تي قبضو ڪري هارپو ڦري ورتو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٽنڊي ۾ حضرت عبدالله شاهه اصحابي جو 385 هون عرس شروع ٿي ويو

سنڌ صوفي بزرگن ۽ درويشن جي سرزمين آهي، محبت جو درس ڏنو آهي: ايڊمنسٽريٽر

درگاهون روحانيت ۽ فيض جو نديون ۽ اسان سڀني جو قيمتي اثاثو پڻ آهن

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) سنڌ جي عظيم بزرگ حضرت عبدالله شاهه اصحابي جو 385 هون ٽن ڏينهن وارو عرس مبارڪ مڪلي ۾ شروع ٿي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

پرامن احتجاج ڪرڻ تي سنڌ پوليس پاران افسوسناڪ عمل آهي: مفتي اعظم مهر

پوليس پاران افسوسناڪ عمل آهي، جنهن جي جيتري مذمت ڪجي گهٽ آهي

چيف جسٽس کي نوٽس وٺڻ گهرجي، پوليس پ پ جي وانگر رو بڻجي چڪي آهي

سکر(بيورو رپورٽ) ڪراچيءَ ۾ جي يو آءِ جي پر امن ڪارڪنن تي سنڌ پوليس پاران گرفتاري ۽ لٺبازي تشدد جي پرزور شديد مذمت ڪجي ٿي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سکر: شب برات جي موقعي تي شهرين پنهنجي پيارن قبرن تي حاضري ڀري

سکر ۾ شب برات جي موقعي تي قبرن تي حاضري ڀري مرحومين جي لاءِ دعائون گهريون ويون

اهڙن موقعن تي سامان وڪرو ڪندڙ دوڪاندارن پاران سامان جا اگهه وڌائي ڇڏيا

سکر (بيورو رپورٽ) شب برات جي موقعي تي شهرين پنهنجن پيارن جي قبرن تي حاضري ڀري. سکر ۽ ان جي پرپاسي جي قبرستانن ۾ ڀهچي گلن جي ورکا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سکر: شب برات جي موقعي تي قبر تي گل نڇاور ڪيا پيا وڃن

قبرستان ڏانهن ويندڙ رستن ۽ شاهراهن جي صفائي سترائي جو ڪم مڪمل ڪيو وڃي: نظير احمد پٽو

عوام کي صاف ستري ۽ صحتمند ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آندا وڃن

استقباليه ڪيمپن تي پيئڻ جي صاف پاڻي، طبي سهولتن ۽ جنريٽر جو بندوبست لازمي ڪيو وڃي

ملير(رپورٽ: فاروق پنگوار) ابراهيم حيدري ٽائون جي چيئرمين نظير احمد پٽو چيو ته قبرستانن جي صفائي کان علاوه قبرستان ڏانهن ويندڙ رستن ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

مختلف فيڊريشن بغير رجسٽريشن جي هاڻي به ڪم ڪري رهيون آهن: نور محمد هليو

اسان جي آل سنڌ يونيورسٽيز ايمپلائيز فيڊريشن سن 1989 ع کان ڪم ڪري رهي آهي

هن وقت سنڌ جون 23 سرڪاري يونيورسٽيون ان فيڊريشن جون ميمبر آهن

لاڙڪاڻو(رپورٽر) آل سنڌ يونيورسٽيز ايمپلائيز فيڊريشن جي چيئرمين جي حيثيت سان آئون نور محمد هليو هي بيان ڏيان ٿو ته اسان جي آل سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

آصف علي زرداري جي صدر ٿيڻ سان ملڪ ترقي ڪندو: عبدالقادر باري بلوچ

ڊرٽا هٽلنڊڙ پارٽيون پنهنجي شڪست قبول ڪن ۽ ملڪ کي ترقي ڏيارڻ لاءِ حڪومت جو ساٿ ڏين

يهودي مسلمانن جو قتل عام بند ڪن، مسلم ملڪن کي فلسطينن جي مدد ڪرڻ گهرجي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: ايم علي بروهي) ٽنڊومحمدخان پريس ڪلب ۾ انٽرنيشنل شريت پارٽي جي مرڪزي صدر عبدالقادر باري بلوچ چيو آهي ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

شب برات جي مقدس رات سجدو ادا ڪري پنهنجي رب کي راضي ڪيو: ڊاڪٽر سعيد اعوان

آتش بازي کي روڪڻ صرف انتظاميا جي نه پر والدين تي به فرض آهي

قبرستانن، مسجدن جي چوڌاري صفائي جو خاص انتظام ڪيو وڃي

سکر (رپورٽ :امداد علي گل ڪلوڙ)جماعت اصلاح المسلمين سنڌ جي پريس سيڪريٽري ڊاڪٽر سعيد اعوان چيو آهي ته شب برات جي مقدس رات/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

شڪارپور جو پريمي جوڙو ميرپور ماٿيلو پهتو، تحفظ لاءِ احتجاج

شڪارپور جي لياقت علي ۽ مائي ريحانا ڏينهن ميرپورماٿيلي ۾ احتجاجي مظاهرو

2 ڏينهن اڳ عدالتي پرڻو ڪيو آهي، پريميڪا جا مائٽ قتل ڪرڻ لاءِ حملا ڪري رهيا آهن: جوڙو

ميرپورماٿيلو (رپورٽر) ميرپورماٿيلي ۾ پيار پرڻو ڪندڙ شڪارپور جي جوڙي جو احتجاجي مظاهرو، قتل جو خدشو ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ميرپور ماٿيلو: شڪارپور جو پريمي جوڙو تحفظ جي لاءِ اپيل ڪري رهيو آهي

ٽنڊوالهيار ۾ اڪرم ڪالوني ۽ غازي ڪالرو ڪالوني جي رهواسين پاران احتجاج

پلاٽن تي قبضي جي ڪوشش ڪندڙن خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ناجائز قبضو ڪندڙن خلاف ايف آءِ آر درج ڪري قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي: مظاهرين

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) ٽنڊوالهيار شهر جي اڪرم ڪالوني ۽ غازي ڪالرو ڪالوني جي رهواسين پاران پلاٽن تي قبضي جي ڪوشش ڪندڙن خلاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

سکر: هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي چونڊ ٿي گذري، اميدوار بنا مقابلي چونڊجي ويا

بنا مقابلي ۾ صدر آچر خان گبول، جنرل سيڪريٽري، نائب صدر فيروزالدين شيخ ۽ ٻيا چونڊيا ويا

بار ۾ صحتمند سرگرميون نظر اينديون. بار ۽ بينچ وچ ۾ عزت ۽ وقار جو رشتو قائم ڪنداسين: بار جو صدر

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) هاءِ ڪورٽ بار ايسوسي ايشن سکر جي ساليانو اليڪشن 2024 لاءِ سمورا اميدوار بنا مقابلي چونڊيا ويا. قربان ملاح ٻنا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوشهرو فيروز ۾ ڪتابن جي رونمائي تقريب 2 مارچ تي ٿيندي

اعجاز ممنائي جي ٻن ڪتابن برقان اندر بجيون ۽ سميع جهانگي سان جي رونمائي ۾ ٿيندي

افتتاحي تقريب جي صدارت پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر سيد اظهر علي شاهه ڪندو

نوشهرو فيروز (رپورٽ :منظور ملڪ) انٽرنيشنل رائٽرز فورم پاڪستان، سنڌ صوبو، اديب سماج انسانيت پبليڪيشن اسلام آباد پاران سنڌي ادب تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ڪراچي ۾ جي ڊي اي جو سنڌ اسيمبلي آڏو ڌرڻي جي اعلان کانپوءِ 144 قلم لاڳو

ڌرڻي سبب علائقو ميدان جنگ بڻجي ويو، قومي عوامي تحريڪ جي 16 عورتن سميت ڪيترائي گرفتار

جي ڊي اي اڳواڻ سيد زين شاهه، ڊاڪٽر صفدر عباسي، حليم عادل شيخ ۽ حافظ نعيم رحمان ڪراچي پريس ڪلب تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا

ڪراچي مڪمل طور سيل آهي، اسان جي پرامن احتجاج کي نوٽيفڪيشن ۾ شرپسندن جو احتجاج لکيو ويو آهي: اڳواڻ

ڪراچي (رپورٽ: باغي ساگر) جي ڊي اي جي سڏ تي سنڌ اسيمبلي آڏو ڌرڻي جي اعلان کان پوءِ سنڌ حڪومت 144 قلم هڻي ڇڏيو مقرر وقت تي جي ڊي اي جا ڪارڪن جيئن ٽولين جي شڪل ۾ سنڌ اسيمبلي ڦوهارا چوڪ پهچڻ لڳا ته پوليس عورت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڪراچي: سنڌ اسيمبلي ٻاهران لڳل جي ڊي اي جي ڌرڻي جو ڏيک

لاڙڪاڻي ۾ ٻنگي پاڙي جي رهواسڻ پيرسن عورت پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ ڊاڪٽر شاهنواز سنديلو) لاڙڪاڻي شهر جي ڊي سي اسڪول ٻنگي پاڙي جي رهواسڻ پيرسن عورت پاڪ ڪتاب کڻي 5 ڏينهن اڳ پراسرار نموني گم ٿي ويل نوجوان پٽ جي ڳولا ۾ مدد لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پيرسن عورت بيبي غلام سڪينه بخاري ڏانهيندي چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

دادو ۾ رڪشا ڦرڻ ٿيڻ خلاف ڊرائيور جو احتجاجي مظاهرو

رڪشا ڦر واقعي خلاف رڪشا مالڪ خالد ڳوري، ٿبدالحميد ڳوري، محمد خان ڳوري، فراز شاهه، ڪامران ڳوري ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ڪوڙل شاهه ڪالوني ۾ 3 هٿياربند مون کان هٿيارن جي زور تي ڏينهن ڏٺي جو رڪشا ڦر ڪيو ويو: رڪشا ڊرائيور

انهن ڦورن مان هڪ ڄڻي جي سڃاڻپ ڪئي آهي، بي سيڪشن پوليس کي ڦر واقعي جو اطلاع ڏنو ويو آهي

دادو(ن سنڌيار) دادو شهر جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ ڪوڙل شاهه ڪالوني مان ڏينهن ڏٺي جو رڪشا ڦر ڪئي وئي، رڪشا ڦر واقعي خلاف پريس ڪلب اڳيان رڪشا مالڪ خالد ڳوري، ٿبدالحميد ڳوري، محمد خان ڳوري، فراز شاهه، ڪامران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

دادو ۾ صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو

جوائنٽ ايڪشن ڪاميٽي جي سڏ تي جرنلسٽس ڪائونسل جي ميزباني ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

صحافي جان محمد مهر جو مکيه قاتل ۽ قتل ۾ ملوث جوابدارن ۽ سهولتڪارن کي گرفتار ڪيو وڃي: اڳواڻ

جيسيتائين شهيد صحافي جا قاتل گرفتار ٿيندا تيسيتائين صحافين پاران احتجاجي تحريڪ جاري رهندي: صحافين جو چئڻ

دادو: صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

دادو(رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) سنڌ جي ناميارو صحافي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

لاڙڪاڻي ۾ مبينا جنسي ڏاڍائي جو نشانو بڻيل عورت انصاف لاءِ پريس ڪلب پهچي وئي

لاڙڪاڻو(رپورٽر) لاڙڪاڻي شهر جي مدينه ڪالوني واسڻ مبينا جنسي ڏاڍائي جو نشانو بڻيل عورت انصاف لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ميهڙ ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ ۾ 33 کان 39 مارڪون کنيل اميدوارن پاران انوکو احتجاج، نعريبازي

سراج علي سانگي، راشد چانڊيو، امانت پنڊ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ درگاهه شاهه گودڙيو اڳيان پهاڙن ۽ جبلن ۾ انوکو احتجاج ڪندي ريلي ڪڍي وئي

حڪومت پاران هارڊ ايريا جو بهانو بڻائي پنهنجا نوازي ڪندي 33 کان به گهٽ مارڪون کڻندڙن اميدوارن کي استاد طور ڀرتي ڪيو آهي: مظاهرين

آئين ۽ قانون مطابق برابري جي بنياد تي پوري سنڌ جي اميدوارن کي 33 مارڪن تي پاس ڪري سنڌ جا بند پيل هزارين اسڪول کولي آفر آرڊر جاري ڪيا وڃن

ميهڙ(رپورٽر) سنڌ ۾ آئي بي اي ٽيسٽ ۾ 33 کان 39 مارڪون کنيل اميدوارن آصف ڪوسو، ذوالفقار چانڊيو ،سيد افضل شاهه ،عمران چانڊيو، سراج علي سانگي، راشد چانڊيو ، امانت پنڊ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ درگاهه شاهه گودڙيو اڳيان پهاڙن ۽ جبلن ۾ انوکو احتجاج ڪندي ريلي ڪڍي وئي مظاهرين نيشنل پريس ڪلب ميهڙ جي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته پيپلز پارٽي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڪراچي ۾ صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ جوائنٽ ايڪشن ڪاميٽي جو احتجاج

احتجاج ڪندڙ صحافين ۾ ڪراچي ايسٽ پريس ڪلب جي صدر غوث ٻگهيو، علي محمد پنهور، جمن ٽنيو، فقير رياض ۽ ٻيا شامل

سچ لکڻ تان سکر جي صحافي جان محمد مهر کي قتل ڪيو ويو، جان محمد مهر جو قتل شعور جو قتل آهي: اڳواڻ

پوليس قاتلن کي هن وقت تائين گرفتار نه ڪري سگهي آهي، جيڪا پوليس حڪمرانن جي نااهلي جو چٽو ثبوت آهي

ڪراچي (رپورٽر) سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاريءَ لاءِ جوائنٽ ايڪشن ڪاميٽي جي سڏ تي ڪراچي ايسٽ پريس ڪلب جي صحافين سياسي سماجي اڳواڻن طرفان پريس ڪلب اڳيان احتجاجي ريلي ڪڍي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

بدين لڳ لنڪ روڊ جو ڪم رولڙي جو شڪار، ڳوٺاڻن پاران ڪارروائي جي گهر

تلهار جي يو سي پيرو لاشاري اسٽاپ لڳ ڳوٺ باغ علي ٽالپر ڏانهن ويندڙ لنڪ روڊ رولڙي جو شڪار آهي

روڊ هڪ ڪلوميٽر فاصلي تي ڳوٺ تائين منظور ٿيل آهي ڪجهه مهينا اڳ ٺيڪيدار پٿر جون به ٽڪرون لاهي غائب ٿي ويو آهي: ڳوٺاڻا

ايمرجنسي ۽ برساتن دوران اچ وڃ ۾ شديد تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو حيدرآباد مين روڊ کان صرف هڪ ڪلوميٽر جو فاصلو آهي

بدين: يونين ڪائونسل پيرو لاشاري جو روڊ زبون حالي جو شڪار آهي

بدين (رپورٽ: مرتضي ميمڻ) بدين لڳ يونين ڪائونسل پيرو لاشاري جي ڳوٺ باغ علي ٽالپر ڏانهن ويندڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

خيرپور سول اسپتال ۾ اي آر ٽي سينٽر ۾ ايڇ آءِ وي جي مريضن جو علاج جاري

خيرپور ميرس (رپورٽر) خيرپور سول اسپتال ۾ اي آر ٽي سينٽر ۾ ايڇ آءِ وي جي مريضن جو علاج مفت ڪيو پيو وڃي، خيرپور ۾ ايڇ آءِ وي جا 147 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 38

سکر ۾ صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ٿيا، احتجاجي تحريڪ جاري

صحافي جان محمد مهر جا مک قاتل گرفتار نه ڪرڻ خلاف امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ بک هڙتال جو سلسلو جاري رکيو

افسوس جي ڳالهه آهي ته سکر پوليس 195 ڏينهن ٿيڻ باوجود شهيد جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار نه ڪيو آهي: اڳواڻ

عدالت حڪم ڏئي چڪي آهي ته ايف آئي آر ۾ نامزد جوابدار گرفتار ڪيا وڃن پر ان جي باوجود پوليس عمل نه پئي ڪري

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پوليس شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ڪيا ويا صحافين جي احتجاجي تحريڪ جاري، سومر ڏينهن وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن خلاف علامتي جنازو ڪڍي احتجاج ڪرڻ جو اعلان سکر يونين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٺڪراڻو ۾ صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

ٺڪراڻو ۾ صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ صحافين ۽ سڄاڻ شهرين احتجاجي مظاهرو ڪيو

صحافي جان محمد کي قتل ڪيو ويو هو، ڪيس داخل هئڻ باوجود پوليس اصل جوابدار قاتل گرفتار نه ڪري سگهي آهي: اڳواڻ

شهيد صحافي جان محمد مهر جي قتل ۾ ملوث اصل جوابدار گرفتار ڪري سخت کان سخت سزا ڏني وڃي: مطالبو

ٺڪراڻو: صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٺڪراڻو (ن سنڌيار) ٺڪراڻو ۾ شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ صحافين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڪينجهر پوليس جي حد ۾ علي بحر ويجهو تارا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، ٻارڙو زخمي ٿي پيو

ٺٽو(ڊ ر) ڪينجهر پوليس جي حد ۾ علي بحر ويجهو تارا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿيڻ جي نتيجي ۾ بندوق جي فائر ٿيڻ جا ڇرا لڳڻ ڪري 8 سالا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سکر ۾ ايس ايس پي جو درگاهه صدرالدين شاهه بادشاهه دورو

عرس جي موقعي تي ڊيوٽي دوران لاپرواهي ۽ ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي، پنهنجا فرض بهتر نموني سرانجام ڏيو: ايس ايس پي

ايس ايس پي سکر پوليس عملدارن کان سڪيورٽي بابت تفصيلي بريفنگ ورتي. عرس جي موقعي تي سڪيورٽي سخت

سمورن حاضرين ۽ زائرين کي ٽن ڏينهن تائين جامع تلاشي کانپوءِ چيڪنگ پوائنٽ کان ميلي ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ڏني وڃي

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) ايس ايس پي سکر زبير نذير احمد شيخ درگاهه صدرالدين شاهه بادشاهه جو دورو ڪيو. درگاهه صدرالدين شاهه بادشاهه جي 745 هين عرس جي موقعي تي سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو ورتو. دوري دوران آفيسرن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

آچر 25 فيبروري 2024ع

احتجاج جو هو طريقو مناسب نه آهي!

ملڪ ۾ عام چونڊون ٿيڻ کان پوءِ حڪومت سازيءَ ڏانهن سفر شروع ٿي ويو آهي. پاور شيئرنگ وارو فارمولو طئي ٿيڻ ڪانپوءِ اسيمبلي ميمبرن جي حلف کڻڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي. ڪالهه پنجاب اسيمبليءَ جي ميمبرن کي حلف کڻايو ويو ۽ اڄ سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن کي حلف کڻائڻ جي لاءِ اجلاس طلب ڪيو ويو آهي. مبينا ڌانڌلين خلاف احتجاج ڪندڙ گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس (جي ڊي اي) ڄامشوري ۽ موري ۾ احتجاجي ميڙاڪا ڪرڻ کان پوءِ سنڌ اسيمبليءَ ۾ حلف برداريءَ جي تقريب کي روڪڻ لاءِ اڄ سنڌ اسيمبليءَ جي گهيراءُ جو ڇتاءُ ڏنو آهي.

8 فيبروري تي ٿيل چونڊون ملڪي تاريخ جون چونڊ نتيجن جي حوالي سان انتهائي تڪراري چونڊون رهيون آهن. ڪٿندڙ توڙي هارائيندڙ شايد ڪا به اهڙي ڌُر نه آهي، جيڪا ڌانڌلين جون دانهون نه ڪندي هُجي. هر پيري ٿيندو ائين آهي ته، سخت اعتراضن جي باوجود سسٽم کي هلڻ ڏنو ويندو آهي. اسان جي ملڪ ۾ جمهوريت، جيتري نج، نبار ۽ اصلي آهي، اهو ته اُپ اکين پيو ڏسجي پر طالع آزما قوتن جي رستي روڪ ڪرڻ لاءِ مختلف وقتن تي ڪوڙي گوري ڪاڏي ويندي آهي. هن ملڪ ۾ جمهوريت جو ٻوٽو اُسري ۽ نسري نه سگهيو آهي، جنهن جو ڦل عوام کائي سگهي، چو ته غير جمهوري قوتن جمهوريت کي جتاءُ ڪرڻ نه ڏنو آهي، ته ساڳئي وقت سياسي ڌرين به اها ساڳي ڪار ڪئي آهي. جيئن 1977ع ۾ ڪيو ويو. ان ڪري هن وقت سياسي ڌرين کي ماضيءَ مان سکڻ جي ضرورت آهي. ڌانڌلين خلاف عدالتن سان رجوع ڪرڻ جو قانوني دڳ موجود آهي، اها هڪ بهتر ۽ قانوني واٽ آهي، چو ته رليف وري به عدالتن مان ئي ملي سگهي ٿو. جيڪڏهن ڌانڌليون ٿيون آهن ته. اُن لاءِ احتجاج جا ٻيا به رستا آهن. سنڌ اسيمبلي جو گهيراءُ ڪرڻ ڪهڙي ڏاهپ ۽ جمهوريت پسندي آهي؟ هڪ طرف احتجاج ڪندڙ ڌريون اليڪشن کي 'انجنيئرڊ' قرار ڏئي اُن جو ذميوار اسٽيبلشمينٽ کي سمجهن ٿيون. خود ڄامشوري واري احتجاج ۾ پڻ پير صاحب پاڳاري جي تقرير ۾ اسٽيبلشمينٽ کي ميار ڏني وئي هئي، چونڊيل ايوان ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟ ميڊيا جي هن تيز ترين دور ۾ سڄي دُنيا اسان کي پرنٽ، اليڪٽرانڪ ۽ ڊجيٽل ميڊيا جي ذريعي ڏسندي رهي ٿي، اسين دُنيا کي پنهنجي جمهوريت پسنديءَ جي دعويداريءَ بابت ڪهڙو تاثر جوڙڻ جا موقعا ڏئي رهيا آهيون؟ حلف کڻڻ کان روڪرائڻو آهي ته. ان لاءِ عدالتي طريقو موجود آهي، قانوني رستو موجود آهي. ايوان جو به هڪ تقدس آهي، جيڪو ڪنهن به صورت ۾ پائمال نه ٿيڻ گهرجي. اسيمبلي جي گهيراءُ واري عمل سان جمهوريت سان ازلي ويرر کندڙ قوتن جو ڪم سهل ٿيندو. جنهن سبب سسٽم پٽڙيءَ تان لهي سگهي ٿو. هن وقت ملڪ شديد بحرانن جو شڪار آهي، جن مان معاشي بحران هن ملڪ کي ڊوڙي ڪئين خطرا پيدا ڪري ڇڏيا آهن. مٿان وري سياسي غير جتاداري حالتون ويتر ابتر ڪري ڇڏيون آهن ۽ اهو سلسلو بيهڻ جو نالو ئي نه پيو وٺي. ويتر ان ۾ پنهنجو حصو ملائي بحرانن کي مهميزون هڻڻ ڪنهن به ريت ملڪي مفاد ۾ نه آهي. جي ڊي اي جي احتجاج ۾ ٻين سياسي ڌرين جي شامل ٿيڻ سان اهو احتجاج جي ڊي اي جو نه رهندو، چو ته جي ڊي اي هڪ ننڍڙو اتحاد آهي. ٻيون وڏيون سياسي ڌريون ان احتجاج کي هاءِ جيڪ ڪري. ان کي انارڪي جي رُخ ۾ وٺي وڃن ٿيون ته، جي ڊي اي ان احتجاج جي ذميواري، ان جي سرواڻ جي حيثيت ۾ قبول ڪندي؟ سواءِ افراتفريءَ جي ان مان ڇا هڙ حاصل ٿيندو؟ نئين سر چونڊون ڪرائڻ ته سنڌ اسيمبليءَ جي اختيار ۾ ڪونهي، ان سان سنڌ ۾ سياسي ٽڪراءُ واري صورتحال جنم وٺي سگهي ٿي.

اسان ان راءِ جا آهيون ته، مبينا ڌانڌلين خلاف احتجاج جا ٻيا قانوني گس موجود آهن. اسيمبليءَ جو گهيراءُ ڪري ميمبرن کي حلف کڻڻ کان روڪڻ واري ڪوشش انارڪي ۽ تشدد وارن غير صحتمند روين کي جنم ڏيندي. ان ڪري جمهوريت جي دعويدار ڪنهن به ڌُر کي اهو زيب نٿو ڏئي. ٻيو ته ان احتجاج ۾ اتحاد کان ٻاهرين ڌُرين شامل ٿي پنهنجي مخصوص ايجنڊا تي عمل ڪيو ته جي ڊي اي قيادت ان جو بار کڻي نه سگهندي.

'جوڳي': خانہ بدوشن جي درد جو مصور

امر رائيسنگهه راجپوت

هُو جنهن جو رنگ ارونڌتي راءِ جي عظيم تخليق "هيٺن جو الله" جي نائڪ وليوٿا جهڙو سانورو آهي. پر اندرا امرتا پريتم جي مقبول تصنيف "هڪ اداس چوڪري" جي نائڪ. انيتا جهڙو اُجو ۽ اُجرو آهي. دُنيا جي وڏن وڏن اديبن جا اُٺ ڪتابن جا پڙهيل اهو ته جو ليکڪ عبدالواحد آريسر جو عاشق آهي. هن جي اندر ۾ آريسر مينهن وسندي مور وانگي براجمان آهي. وڏا وڏا ٺهڪ ڏيندڙ اهو وڏي قد وارو قدآور ليکڪ سنڌ جي قديم تهذيب نوَ سئو هٽڻ واري شهر نُهتي جي ننگ مُقيم ڪنيار جو اهو موهيي پٽ آهي. جنهن جو چُلهيءَ جو نالو ته خالد آهي، پر فقير مُقيم ڪيس فلاسافر جوڳيئڙو چوندو هو ان ڪري هُواڄ به پاڻ کي جوڳي سڏائي ٿو جوڳي هميشه روڳي ٿيندا آهن. روڳ رڳو بيماريءَ جو ناهي هوندو پر روڳ مُحبت به ٿيندي آهي ته جوڳ ۽ ڀوڳ جو به روڳ هوندو آهي. جوڳ کٽڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي. ڦوڳسيءَ جهڙو اهو فلسفي جوڳيئڙو ادب جوڳ ڪمائيندي جڏهن گوتم ٻڌ جي گيان ۾ ڌيان ڌري ٿو جڏهن ڪبير جي دُوهن مان گوها وٺي. تصوف جي ترائيءَ ۾ تري ٿو جڏهن گرو رجنيش اوشوءَ جي فلسفهءِ حيات کي هيئين سان هنڊائي ٿو جڏهن سچ جي ساٿي سقراط جي زهر ۾ امرتا گولي ٿو ۽ درياءَ جي ديس جي پوڙهي سان پيار ڪندڙ جوانين جي عشق کي پنهنجي فلسفي ۾ ڦٽ ڪري ٿو تڏهن سنڌي ساهتيه جي سياڳي جهوليءَ ۾ "گودڙي" جهڙو ادب رتن جرڪندي نظر اچي ٿو هُو درد جي دارونءَ جو هيراڪ آهي، ان ڪري هُو درد کي زندگيءَ جو ڳجهه ۽ سنگتراش سڏي ٿو هُو خود درد جي تکي ڇيڻيءَ سان تراشيل هڪڙو هيرو آهي. هُن حياتيءَ ۾ جيترا درد ڏٺا ۽ سٺا آهن. ايترا سندس مٿي تي وار ئي ناهن. هُن پنهنجي پوڙهي ٻيءَ کي ديويءَ جي چانوَ ۾ مٽيءَ جا پڪا رڃ پيٽ لئه وڪڻندي ڏٺو هو ته ٻچڙن کي تعليم ڏيارڻ واري الڪي ۾ اکيون پُرنم ڪندي پڻ ڏٺو هو. هُو نهائين کان نينهن سکيل اهو ڪنيار ڪوبار آهي، جنهن وٽ ڳالهه جي جلاڄ به چوويهه قيراط سون وانگي هر دم چمڪندي نظر اچي ٿي. هُو جڏهن به خيالن جي خام مٽيءَ مان ڪوچاٽو کڻي پنهنجي ذات جي چڪ تي چاڙهي ٿو تڏهن مهاڙيئي جي ڪوري ڳگر جهڙو ڪو خوبصورت ڪالم يا مضمون ڪاغذ جي ڪينواس تي نوَ لکي هار سان سورنهن سينگار ڪندڙ ڪنهن راجستاني نار وانگي روپجي پوي ٿو! هُو رڳو گودڙيءَ جي گيان واري ڌيان مان مليل رنگ تي دنگ نٿو ڪري، پر ويهڻ ويهه سمجهي وري به جوڳ جي روڳ ۾ مُبتلا ٿي اُنهن خيمن جي خُدائيءَ ڏي رُخ ڪري ٿو جن ۾ ڏينهن ڏکيا ۽ راتيون رنگين هُونديون آهن. اُنهن خيمن ۾ رهندڙ خانه بدوشن جي ڪُل پونجي چار رليون، ٻه ٻڪريون ۽ ٻن ڏلن کان مٿي پيو ڪجهه آهي ته انساني جسم آهي، جنهن کي چيتڻ تي چاڙهي هن بي رحم دُنيا ۾ جيئندا ۽ پيئندا آهن! جن خيمن ۾ جوان نارين جا چانديءَ جهڙا چَمر پيٽ خاطر پراين غليظ هٿن ۾ ڪارا ۽ ڪوجها ٿيندا آهن. جن خيمن ۾ آرٽ سان عشق ڪندڙ اُهي قبيلا رهندا آهن، جيڪي بي قدريءَ جي بازار ۾ لاچار ٿي ڪلا کي ڇڏي جسم فروشيءَ جي جهان کان وٺي پنڻ واري پيشي ۾ لڳي ويا آهن. اُنهن جي نٽ ڪٽ نارين وَٽ اڄ به ڪام ۽ لام وانگي لچڪندڙ چيلهه سان ڇهبڪ هڻڻ واري ڪبوتري چال گهٽي ڳالهه آهي. اُنهن خانه بدوش قبيلن جا ڪرتوت ۽ ڪرب لکندي هي جنهن پُرسوز پيڙا مان پار ٿئي ٿو ان اذيت جو احساس هڪڙو خود خالد کي آهي، ٻيو خُدا کي. پاڻ ته هن جا ليک پڙهي اکيون پُرنم ڪري ويهون ٿا. خالد ڪنيار جي قلم مان ڪيهون ڪري نڪرندڙ ان درد کي محسوس ڪرڻ چاهيو ٿا ته پڙهو "جهنگ جا ماڻهو" ۽ "خانه بدوش قبيلا". اُنهن ٻنهي ڪتابن جي ورق ورق ۾ دراوڙن جو درد ريهون ڪندي نظر اچي ٿو "خانه بدوش قبيلا" ته هڪڙو خوبصورت ناول ٿي پئي سگهيو هن ڪتاب ۾ وڏو ڪهاڻي _ پٽو موجود آهي. هر مضمون ناول جو هڪڙو نئون باب لڳي ٿو هُو ڳرگلن جون ڳهائي وجهندڙ ڳالهيون لکندي اهو لکي ٿو ته، "ڳرگلا چون ٿا ته وس وارا رڳو اسان کي رهڻ لاءِ پلاٽ ڏين ته ٻيو ڪُجهه گهرون ٿي ڪونه ٿا. پر وس وارا اهو به نٿا ڏين". ان هڪڙي پيرا ۾ ڪيڏي نه انساني پيڙا جهلڪي ٿي انسان کي رهڻ لئه خدا جي زمين نٿي ڏني وڃي. پالڻ پور مان دربدر ٿي سنڌ جي ڪاهيءَ ۾ پهتل مدارين عرف مچلن تي لکندي قلم کي رت ٽوڪارڻ تي مجبور ڪري ٿو ڪاهي، جنهن کي عشق جي ڦاهيءَ چيو ويندو هو اهو هاڻي درد جي ڦاهي بڻجي چڪو آهي. هُو ان درد جي ڦاهيءَ ۾ موجود ڪارن ڪپڙن ۾ نهيل ڪچين جهڳين ۾ وڃي ڪنهن جُهور پوڙهيءَ کان مچلين جا احوال پُڇي ٿو ته اُها وقت جي وڏي رڙ ڪندي چوي ٿي ته، "اسان کي ڪو به نٿو ڪارائي، اسان پنهنجو هڏ هلائي جسم وڪڻي کائون ٿا. اسان ته پنهنجيءَ عُمر ۾ ڪڏهن به پنهنجي هن ويڙهي ۾ جڃ ايندي ڪانه ڏٺي. نه ٻيند نه باجا. ڪهڙيون رسمون ڪهڙا رواج؟" ان کان مٿي به ڪا درد جي تصوير ٿيندي آهي؟ جنهن ۾ انسان پيٽ جي دوزخ ڀرڻ لاءِ پنهنجن نياڻين جا تنگ وڪڻڻ تي مجبور هُجي، پوءِ به پيٽ ڀري کائڻ لئه به نه ملي. درد جي اها تصوير ڪشي خالد ڪنيار ڪئي آهي. هُو جنداوڙن جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته، "جنداوڙي جي گهر ۾ جي جنڊ نه هوندو ته تنڊ به نه ايندي". هُو وڌيڪ لکي ٿو ته. "اڄ ڪلهه هن جي جهڳين ۾ راتيون ٻُڪ تي ڪٽجن ٿيون، ٻُخار ۾ مرندڙ ٻارن لاءِ ٽڪي وٺڻ به ڏکي آهي. هن جا ٻار شهر ۾ پنن ٿا. ڪجهه جنداوڙ گتا ميڙين ٿا. شام جو مُرغيءَ جي اڏيءَ تان فارمي ڪڪڙين جا پاوا ۽ مُنڍيون خريد ڪري اچن ٿا. "پاوا ۽ مُنڍيون ڪتين ۽ ٻلين کي ته اڇلين ٿا ته پر اسان کي پئسن سان به نٿا ڏين. "پيٽ لاءِ پانپرا ڪندڙ اُنهن جنداوڙن جي درد کي جنهن رنگ ۽ ڍنگ سان خالد ڪنيار پيش ڪيو آهي، اهو واقعي ساراهه جوڳو آهي! ساراهه جوڳيون ته اُهي سٽون به آهن، جيڪي هن منڇي شڪاريءَ جي خاڪي ۾ سنڌ جي مالڪيءَ واري سوال تي ڪيڏيون نه خوبصورتيءَ سان چٽيون آهن ته، "اِجا تائين اُنهيءَ سنڌ جي ڏٽيب پيو ڪري! اُها سنڌ، جنهن ۾ هو نسلن کان بي وطن ۽ بي گهر ٻٽيل آهي. هن کان ته سنڌ پنهنجو قبيلو ئي کسي ورتو هو" توڙي جو هُو هن وقت وڏي گاڏيءَ جي وڪري سيٽ تي ويهي سموري سنڌ گهمي ٿو سکر ۾ رهي پنهنجي زندگيءَ جا سکر سي ٿي ڏينهن گهاري ٿو پر هن جو رولاڪ رُوح اڄ به خانه بدوشن جي خيمن ۾ ڀٽڪي ٿو! هُن جي ننڊ ۾ به ڪبوترين جون ڪام جهڙيون چيلهڙيون ڳر موڙين ٿيون. ته جاڳ ۾ جوڳين جون مُرليون ناڳ ٻڌجن ٿيون. هُو ڪبوترين جو ذڪر ڪندي اها سِٽ لکي ٿو ته. "ڪبوترين جُون دليون مُحبتن جا قبرستان آهن". هن جي خوابن ۾ به ڳرڳلين جي ڳالهين جي ڪٽوري ڪلي ٿي. هن جي ڪچهرين جو موضوع ڪُوچڙيون ۽ ڪچر ٿين ٿا. هن کي باٻُو بيڪارين جي ٻڪرين جي ٻُوءِ ڳلاب سمان گيسوئن وانگي وٺي ٿي ۽ هُو چقمق جيان چڪجي اُنهن جي ڪٽيرن خيمن جي خدائيءَ ۾ گوڏو گڏي ويهي ٿو! هُو مهانگا سگريٽ پيئندي "سستن" ماڻهن تي املهه ليک لکي ٿو! موبائيل فون جي اسڪرين تائين محدود ٿي ويل مصروف زمانه ماڻهن کي خالد ڪنيار "جهنگ جي ماڻهن" سان ملايو آهي. جهنگ جي ماڻهن سان ملائيندي اها ڄاڻ ڏني آهي ته راڳي، ٻاگي، ٻارڪو، ناڙي ويد ۽ نياءِ ڪاري ڪندڙن جي دُنيا ڪيڏي نه خوبصورت آهي، جنهن ۾ اُٺ آهن. نانگ ٻلائون آهن. شڪار آهن. پکي پکڻ آهن. ڳل آهن. ڳهه آهن. ڪولهي آهن. ڪاترون آهن. جهنگ جي ماڻهن جو به هڪڙو شاندار ڪلچر آهي. ڏينهون ڏينهن تمدن ۾ تبديل ٿيندڙ تهذيبن کي رولاڪ ماڻهن جي دُنيا جو دُور درشن ڪرائيندي پنهنجي تازي تصنيف "خانه بدوش قبيلا" ۾ اُنهن ماڻهن جي منظر ڪشي ڪئي آهي، جيڪي ماڻهو هن چنڊ تي پهتل دُنيا ۾ اڄ به ماني ڳڀي لاءِ دربدر آهن. خانه بدوشن جي خوبصورت دنيا ۾ خالد اسان کي تيرنهن تالين سان به ملائي ٿو اُهي تيرنهن تاليون، جن جي ناچ جي لئه اڄ به پنجاب جي ڌرتيءَ جي دل ڌڙڪي ٿي. اِڪيءَ تي انگ لوڏي موسيقيءَ جي تيرنهن تالن تي نرت ڪندڙ اُنهن نارين جي نرتيه ڪلا جي ڪمال تي خالد انتهائي خوبصورت نموني لکيو آهي. ڪيرين جي نٽ ڪٽ قبيلي ۽ اُن جي روپ ناچ جي موهي ماريندڙ حُسن تي به بهترين لکيو آهي. جنهن مان اها ڄاڻ ملي ٿي ته پنجاب جي شير راجا رڻجيت سنگهه جي محبوبه موران پڻ ڪيرڙي هُئي. جنهن جي نالي سان رڻجيت سنگهه نه رڳو ڪيرڙي واري پُل تعمير ڪرائي هُئي، پر موران سرڪار نالي سِڪو به جاري ڪيو هو هن ئي قبيلي جي هڪ ڀاڄوڙي نالي ڪيرڙي گُجر بادشاهه کي گهائڻ سارون روپ ناچ ڪندي مري ويئي هُئي. انهن ئي ڪيرن مهاراڻي پرتاب سنگهه سان توڙ تائين نڀايو هو. خالد کي پڙهڻ ڪانپوءِ توهان کي خبر پوندي ته راوڙا اصل ۾ راڏڻ پور جا آهن. انهن جو ڪم ٻارن جا راندڪا ٺاهڻ ۽ وڪڻڻ آهي. ٻڙها به اصل ۾ اوير جي رجواڙن ڇوهڻ، باهڙمير ۽ پالڻ پور جا آهن. انهن جي ڪرت به راندڪا ٺاهڻ ۽ وڪڻڻ آهي. اهو اسان کي خالد ئي ٻڌائي ٿو ته لوهارين کي ڪاريا به چوندا آهن ته گاڏوليا به چوندا آهن. اهي اصل ۾ راجپوت آهن ۽ مهاراڻي پرتاب سنگهه جي دربدري وقت پاڻ کي دربدر ڪيائون ۽ اڄ ڏينهن تائين چلهه مٿائيندي اهو پرڻ پاريندا اچن. ان کانسواءِ ڪوچڙن جي باري ۾ به اها ڄاڻ پهريون ڀيرو اسان تائين خالد ڪنيار ئي پهچائي آهي ته ڪوچڙا فارسيءَ جي لفظ ڪوچ مان آيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي لاڏائو ڪوچڙا لقب انهن کي پهريون ڀيرو ڪلهوڙن جي دور ۾ مليو هو. هن قبيلي جي ڪرت چوري ڪرڻ آهي. خالد جو اهو ڪتاب پڙهي اها به خبر پئي ته رڳو سودا راڻا ڏيلوڪ تي ويل ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي وٺنڪوٽي ناهن ڪندا پر دنيا جا هي مجيل چور ڪُوچڙا پڻ هر مري ويل ماڻهوءَ جي وٺنڪوٽي ڪندا آهن. انهيءَ کانسواءِ ان ڳالهه جو پڻ پتو پيو ته ڳرگلن جا پوياڻ پيرا به سرحد جي هُن پار جي رجواڙن جي ڏٽين ۾ وڃي ڪٽن ٿا. هُو جيڪو هر وقت مُٺ تي سگريٽ رکي سوچي ٿو اُنهن ماڻهن جي لاءِ، جن لاءِ ڪير به نٿو سوچي. هُو لکي ٿو اُنهن جهنگ جي ماڻهن لاءِ، جيڪي ماڻهن کان مُڪمل وسري ويا آهن. يا ڄاڻي واڻي وساريا ويا آهن هن جي لکڻين ۾ اُهي ماڻهو ملن ٿا، جيڪي ماڻهن هٿان تذليل جو شڪار ٿي هن سنسار ۾ نسل در نسل دربدر ٿيندا رهيا آهن. جن کي دربدر ڪرڻ ۾ معبود کان وڌيڪ عبد جو هٿ آهي. جن جي دربدريءَ ۾ هڪڙي وڏي شاهوڪار تهذيب تڙپي ٿي. ۽ اُن ترپندڙ تهذيب ۽ ڪيهون ڪندڙ ڪلچر کي اڄ ڪلهه جو تهذيب يافته انسان گٽي رکال به نٿو پڇي، پر خالد ڪنيار جهڙو ڪو جوڳي ئي انهن سان گڏ جيئي ٿو ۽ اُنهن جي ڏکن ۽ تڪليفن جي تاريخ کي تراشي ٿو تڏهن خيمن ۾ رهندڙ بي خُدا دُنيا جا اڻ پڙهيل انسان مُرڪندي نظر اچن ٿا ۽ اُها مُرڪ خالد ڪنيار جو قد مها راجا رڻجيت سنگهه کان به گهٽ ڪو وڌائي ٿي! ڇاڪاڻ ته هن وٽ تلوار نه پر قلم آهي. اهڙو قلم، جنهن جي نوڪ مان اهو لوڪ لکا ڏئي ٿو جنهن لوڪ جون اڏنڌي آڙيءَ ۽ تازي تازيءَ جهڙيون چوڪريون هر راهه ويندڙ کي پنهنجي ڪام جهڙي چيلهه جي دام ۾ ڦاسائي وجهن ٿيون! توهان خانه بدوش قبيلا پڙهندؤ تڏهن توهان کي خبر پوندي ته ڪبوترين ڇا آهن؟ ڪيجا ڇا آهن؟ پيڙا ڇا کي چوندا آهن؟ پيڙڪيون ڪيئن ۽ ڪير رکندا آهن؟ ناري جي نوابن کي پنهنجي جوانيءَ جي جار ۾ ڦاسائي راتڙيون روشن ڪير ڪندو هو؟ ان ئي ڪتاب مان اوهان کي اها به معلومات ملندي ته پنجاب جو مشهور مهاراجا رڻجيت سنگهه رولاڪ قبيلي سانسيءَ سان تعلق رکندو هو. توهان گهرائيءَ سان هن ڪتاب جو مطالعو ڪندا ته توهان کي اها به خبر پوندي ته پڙهن ۾ جٽيو ٻارائڻ ايتروئي لازمي آهي، جيترو مسلمان لاءِ سنت طهر ڪرائڻ. سڄي جڳ ۾ چوڪريون پرڻجي ساهورين وينديون آهن. پر پڙهن ۾ وري چوڪرا پرڻجي اباڻو گهر ڇڏي وڃي ساهورن ۾ رهندا آهن. هي ڪتاب اوهان کي رُدالين جي رڻ ٿيل اکين ۾ لڪل درد جا پاڇا به پاڻ پڙهائيندو ته منڇي شڪاريءَ جي مَن سمندر ۾ سنڌ جي ڏٽيب لاءِ هردم اُٿندڙ طوفان جو شور به ٻڌائيندو.

ڪوئي کُهي سُپرين، ڪوئي کُهڻ سانُ؛
نيزي هيٺان نينهن جي، پاسي ڪر مَ پاڻُ؛
جُل، وِڃائي ڄاڻُ، عاشِقَ! اَجَلَ سامهُون.

ملڪ کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ سيني کي گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي

عبدالمجيد بروهي

پاڪستان هن وقت پاڙيسري ملڪن جي ڀيٽ ۾ گهڻو پوئتي ٿيل آهي معاشي يا اندروني معاملا پڻ خراب ٿي چڪا آهن هن وقت اسان ايشيا جي ٻين ملڪن جن ۾ بنگلاديش پڻ شامل آهي انهن کان به اسان جو سڪو ڪافي پوئتي آهي ملڪي معيشت تي ڪنٽرول ٿيڻ هڪ خواب بڻيل آهي مهانگائي ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿيندو پيو وڃي هر طرف مايوسي ۽ انارڪي وارو ماحول آهي اليڪشن کان اڳ هر پاڪستاني جو خيال هيو ته اليڪشن بعد شايد معاملا ڪافي بهتر ٿي سگهن ٿا پر اليڪشن ٿيڻ بعد صورتحال کي وڌيڪ خراب ڪيو پيو وڃي هارائيندڙ پنهنجي هار کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن جن کٽيو آهي اهي پنهنجي کٽيل سيٽن تي خوشيون ڪرڻ بجاءِ مايوسي جو شڪار آهن جي يو آءِ بلوچستان ۾ ڪافي سيٽون کٽيون آهن پي ٽي آءِ وارا آزاد حيثيت ۾ اليڪشن ۾ حصو وٺي 90 کان مٿي وفاقي سيٽون کٽي چڪا آهن ڪي پي ڪي کي تقريبن ڪلين سوئيپ ڪري چڪا آهن پنجاب ۾ پڻ ڪافي سيٽون ٻهاري ويا آهن ان باوجود اهي وري ڌانڌلين جا الزام لڳائڻ ۾ پورا آهن جي يو آءِ وارا روڊن رستن تي آهن اهي پڻ احتجاج ڪري رهيا آهن سنڌ ۾ احتجاج پيا ڪن ته اسان سان ڌانڌلي ٿي آهي انهن جي سيٽن تي ڪي پي ڪي ۾ جتي مولانا فضل الرحمان ۽ سندس فرزند هارائي چڪا آهن سندن جي اهم اڳواڻن کي پڻ ڪي پي ڪي ۾ پي ٽي آءِ جي حامي آزاد اميدوارن شڪست ڏني آهي پر انهن سان جي يو آءِ وارا اتحاد ڪري چڪا آهن پر احتجاج سنڌ ۾ ڪري رهيا آهن جتي ڪين شڪست ملي آهي جن ڪين هارايو آهي انهن سان گڏ ويهن پيا جتي اوهان هارايو آهي اتي چئو ٿا ته صاف شفاف اليڪشن ٿي آهي يعني ڪي پي ڪي ۾ پي ٽي آءِ وارن کٽيو آهي پنجاب ۾ 80 کان مٿي سيٽون پي ٽي آءِ وارن جون آهن پوءِ اتي پلا فرشتن اچي اليڪشن ڪرائي صاف شفاف چونڊون ڪرائي اوهان کي ڪترايو آهي ڇا جتي اوهان کٽيو آهي اتي ڌانڌلي ناهي ٿي باقي جتي هارايو ٿا ڌانڌلي جي دانهن ڪري افراتفري چو پيا پکيڙيو اوهان جي کٽيل سيٽن سميت پوري ملڪ ۾ ساڳي اليڪشن ڪميشن پاران چونڊون ڪرايون ويون آهن پي ٽي آءِ کي سنڌس جي سوچ کان به وڌيڪ سيٽون مليون آهن ان باجود انهن جون دانهون نامناسب آهن هن وقت ملڪ جي معيشت کي وڌيڪ خراب ڪرڻ لاءِ پي ٽي آءِ وارا ملڪ دشمني تي لهي چڪا آهن انهن جي باني پاران اهو فيصلو ڪيو ويو آهي ته پي ٽي آءِ باني آءِ ايم ايف وارن کي خط لکي ڪين چيو ويندو ته اهي جيسيتائين ڌانڌلي واري حڪومت خلاف انڪوائري نٿي ٿي تيسيتائين هنن سان آءِ ايم ايف معاهدو نه ڪري هي پي ٽي آءِ وارا ٻيهرين دفعو نه پيا ڪن ان کان اڳ به انهن جي اڳواڻ اڳوڻي خزاني واري وزير شوڪت ترين پڻ آءِ ايم ايف کي خط لکي ڪيس اڳوڻي شهباز حڪومت سان معاهدو نه ڪرڻ جو مطالبو ڪيو هيو جيڪو ملڪ دشمني جي زمري ۾ اچي ٿو جيڪڏهن ان وقت شوڪت ترين خلاف غداري جو ڪيس داخل ڪري ڪيس عبرتناڪ سزا ڏني وڃي ها ته اڄ پي ٽي آءِ وارا وري اهڙا ملڪ دشمني وارا قدم کڻڻ لاءِ ڪڏهن به نه سوچين ها آءِ ايم ايف سان معاهدي کان روڪڻ تي پي ٽي آءِ وارا پوري ملڪ جي تباهي جا ذميدار بڻبا ان جي ڪري اهي ملڪ دشمني کي ڇڏي ملڪي مفادن خاطر ملڪ جي معيشت کي سڌارڻ جي لاءِ ملڪ کي اڳ واري مستحڪم پاڪستان خوشحال پاڪستان ٺاهڻ لاءِ ڳالهين جي ميز تي اچي پ پ پ ن ليگ ۽ ٻين پارٽين سان گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي مولانا فضل الرحمان کي به پنهنجو ڪلهو ٻين کي استعمال ٿيڻ نه گهرجي هن وقت جيڪي به سياسي پارٽين جا اڳواڻ آهن اهي جيڪڏهن سمجهن ٿا ته سندن سان غلط ٿيو آهي ته اهي قانوني ويڙهه ولي ڪن عدليا جو درڪ کائين ٽربيونلز ۾ وڃن باقي هي روڊ رستا بند ڪرڻ اسيمبلين جي آڏو ٻيهڻ ڪنهن کي حلف کڻڻ نه ڏيڻ جا اعلان ڪرڻ اهو سڀ ڪجهه ملڪ سان سچائي نه پر ملڪ جي عوام کي وڌيڪ مصيبتن ۾ وجهڻ برابر آهي اسان دشمن ملڪ انڊيا هميشا اهو چاهيندو آهي ته پاڪستاني عوام هميشا پاڻ ۾ اندروني اختلافن جي ور چڙهيل هجن اهي چاهيندا آهن ته پاڪستان ۾ خانا جنگي وارو ماحول هجي ته جيئن پاڪستان کي عالمي ليول تي اهي اڪيلو ڪري عالمي دنيا کي پاڪستان کان پري ڪري انهن کي اڪيلو ڪيو وڃي اسان جي هنن ٿورين ٿورين ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين تي جهيڙي لاءِ سندرو ٻڌي ويهڻ جو فائدو عالمي ليول تي انڊيا کي پهچي ٿو جيڪي عالمي سيڙپڪارن کي اهو چئي پاڪستان اچڻ کان روڪيندا آهن ته پاڪستان جون حالتون غير مستحڪم آهن انجي ڪري اتي ڪاروبار ڪرڻ معنا اوهان جا سيڙپ ڪيل پيسا برباد ڪرڻ برابر آهي پاڪستان جي سياستدانن جون ڪرسي لاءِ ڪيل ويڙهه کي غلط رنگ ڏئي انڊيا پاڪستان ۾ سيڙپ ڪرڻ لاءِ ايندڙ عالمي تاجرن کي روڪي ڪين انڊيا ۾ اچڻ جو چوندا آهن انجي ڪري سڀني سياسي پارٽين کي هڪ ٿي ڪري سمورا سياسي اختلاف هڪ پاسي تي رکي ملڪ جي معيشت کي سڌارڻ اليڪشن بعد نهندڙ حڪومت کي ڪم ڪرڻ جو موقعو ڏئي پاڪستان جي معيشت کي سڌارڻ گهرجي مان اهو نٿو چوان پي ٽي آ وارا حڪومت نه ناهين جيڪڏهن انهن وٽ نمبر پورا آهن ته اهي وزارت عظما جي اليڪشن کان ويندي اسپيڪر سينيٽ چيئرمين جي چونڊن ۽ صدارتي چونڊن ۾ حصو وٺي پنهنجا اميدوار ميدان ۾ لاهي ن ليگ ۽ پ پ پ ايم ڪيو ايم جي اتحاد کي جمهوري طريقي سان مقابلو ڪري هارائي سگهن ٿا ته پوءِ احتجاج کان وڌيڪ بهتر طريقو هوندو باقي اسان ڪٿيون ته صاف شفاف چونڊون ٿيون آهن جيڪڏهن ٻيا ڪٿي اچن ته ڌانڌلي جي واويلا اهو ڪرت هاڻي ملڪ جي لاءِ ملڪ جي عوام لاءِ فائديمند نه آهي

پارٽي قيادت جو ٿورائتو آهي. قيادت جي اعتماد تي پورو لهڻ جي ڪوشش ڪندس.

بقايا 01 ***

اڳواڻ عبدالعليم خان اين اي 117 تان قومي اسيمبلي جو حصو هوندو. هن اليڪشن ڪميشن کي آگاهه ڪري ڇڏيو واضح رهي ته عبدالعليم خان لاهور مان قومي ۽ صوبائي سيٽن تي اليڪشن ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي هئي.

بقايا 02 ***

نگران سيٽ اپ هٽڻ سبب عارف علوي صدر پاڪستان جون ذميواريون نڀائي رهيو آهي ۽ آئين موجب اليڪشن ٿيڻ جي هڪ مهيني تائين صدر پنهنجي عهدي تي رهي سگهي ٿو

بقايا 03 ***

پنجاب اسيمبلي جو اجلاس اڍائي ڪلاڪ دير سان شروع ٿيو مسلم ليگ ن پنجاب جي اميدوار مريم نواز جي ايوان ۾ آمد تي احتجاج ڪيو ويو سني اتحاد ڪائونسل ۽ مسلم ليگ ن جي ميمبرن هڪ ٻئي خلاف سخت نعريبازي ڪئي. پنجاب اسيمبلي جي 4 نون چونڊيل ميمبرن حلف کڻي ورتو. سني اتحاد ڪائونسل جي حافظ فرحت به حلف کڻندڙن ۾ شامل آهي. مغرب جي نماز جي وقفي ڪانپوءِ اجلاس ٻيهر شروع ٿيو ۽ نئين اسپيڪر جي چونڊ جو عمل شروع ڪيو ويو. اسپيڪر شپ لاءِ مسلم ليگ ن جي ملڪ محمد احمد خان جو سني اتحاد ڪائونسل جي احمد خان ڀچر سان مقابلو هو. پنجاب اسيمبلي ۾ اسپيڪر جي چونڊ لاءِ 3 پولنگ بوٿ ٺاهيا ويا. جتي 327 ميمبرن ووٽ ڪاسٽ ڪيو. مسلم ليگ ن جو ملڪ احمد خان 225 ووٽ کڻي پنجاب اسيمبلي جو اسپيڪر چونڊجي ويو. سندس ڪاميابي تي مسلم ليگ ن جي ميمبرن شير شير مريم مريم جا نعرا هنيا. حلف کڻڻ ڪانپوءِ اسپيڪر ايوان جي باقي ڪارروائي جاري رکندو ۽ هاڻي ڊپٽي اسپيڪر جي چونڊ ڪندو. ڊپٽي اسپيڪر جي چونڊ ۾ مسلم ليگ ن جي ظهير اقبال چنڙ جو مقابلو سني اتحاد ڪائونسل جي معين رياض قريشي سان ٿيندو. سني اتحاد ڪائونسل جي احمد خان ڀچر جو چوڻ آهي ته سندس ميمبرن کي اسيمبلي ۾ اچڻ کان روڪيو پيو وڃي. ميان اسلم اقبال محفوظ هنڌ تي آهي.

بقايا 04 ***

کي سڄ ٻڌائڻ گهرجي ته وٺن حڪومت ٺاهڻ لاءِ گهربل نمبر نه آهن. هن چيو ته جيڪي اسان وٽ لڙي آيا سندن سات ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ۽ هاڻي اسان جي حڪومت ٺهي رهي آهي. بلاول پٽو هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته 2018ع وارين ۽ هاڻوڪي چونڊن ۾ ڪو گهڻو فرق نه آهي. اسان جا اعتراض ۽ شڪايتون آهن جنهن جي پيروي ڪنداسين. پ پ چيئرمين چونڊن نتيجن خلاف اڄڪلهه اهڙيون پارٽيون احتجاج ڪري رهيون آهن جيڪي پاڻ ڌانڌلي کانسواءِ نٿيون کٽي سگهن ۽ هاڻ هو پ پ تي تنقيد ڪري رهيون آهن. بلاول پٽو چيو ته ڪجهه پارٽيون انڪري احتجاج ڪري رهيون آهن ته وڌيڪ ڌانڌلي ٿئي ۽ ڪين به هڪ اڌ سيٽ ملي وڃي.

بقايا 05 ***

کان وڌيڪ سيٽون مليون آهن. سندس چوڻ هو ته پاڪستان ۾ ڪيترائي مسئلا آهن ۽ هو گڏجي انهن کي حل ڪندا. مراد علي شاهه چيو ته وفاقي ۽ صوبائي حڪومت لاءِ وڏا چئلينج آهن. هن چيو ته مٿس اعتماد ڪرڻ تي هو

بقايا 06 ***

ٿو. هن چيو ته هو ڳالهين ڪم ڪندا، جنهن کي تڪليف آهي اهو اليڪشن ٽربيونل وڃي. احتجاج ڪندڙن کي عوام رد ڪري چڪو آهي. هو ڪين ايوان ۾ گهڙڻ نه ڏيندا. اجلاس دوران سڀ کان پهريان آغا سراج دراني ۽ ايم پي اي طور قسم کنيو جنهن ۾ چونڊيل آيل ايم پي ايز کي قسم کڻايو. وڏو وزير سيد مراد علي شاهه، فريال ٽالپر، شرجيل ميمڻ، ناصر حسين شاهه ۽ ٻين قسم کنيو. ان موقعي تي پ پ جي ميمبرن طرفان جيئي ڀٽو جا نعرا هنيا ويا. سنڌ اسيمبلي جي نون چونڊيل ميمبرن سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ قسم کنيو. سنڌ اسيمبلي جي 168 ميمبرن مان 114 جو واسطو پيپلز پارٽي سان آهي. ايم ڪيو ايم پاڪستان جي ميمبرن جو انگ 36 آهي جڏهن ته اڄ 148 ميمبرن قسم کنيو ۽ مجموعي طور تي 13 ميمبر حلف برداري تقريب ۾ حصو نه وٺي سگهيا. پي ٽي آءِ جا حمايت يافته آزاد اميدوار قسم کڻڻ نه آيا جڏهن ته جماعت اسلامي ۽ جي ڊي اي ميمبرن ۾ حلف بردار تقريب ۾ نه پهتا. پ پ جو نادر مگسي ڪار ريلي ۾ شرڪت سبب ڪراچي ۾ موجود نه هو جڏهن ته نثار کهڙو ۽ جام مهتاب ڏهر سينيٽ جي سيٽ برقرار رکندا. ان کانسواءِ پي ايس 129 تي حافظ نعيم جي سيٽ جو نوٽيفڪيشن جاري ناهي ٿيو ۽ پي ايس 80 تي چونڊيل ميمبر عبدالعزيز جوڻيجو لاڏاڻو ڪري ويو هو سني اتحاد ڪائونسل جي نون مخصوص سيٽن جو نوٽيفڪيشن به جاري ناهي ٿيو

بقايا 07 ***

اسيمبلي جي نئين اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر چونڊ شيڊيول جاري ڪري ڇڏيو آغا سراج دراني هدايو ته اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي چونڊ لاءِ نامزدگي ڪاغذ اڄ جمع ٿيندا ۽ شام 6 وڳي تائين نامزدگي ڪاغذن جي اسڪروٽني ٿيندي جڏهن ته 7 وڳي منظور ٿيل نامزدگي ڪاغذن جي فهرست جاري ڪئي ويندي. جاري ڪيل شيڊيول موجب، سنڌ اسيمبلي جو اجلاس سڀاڻي صبح 11 وڳي ٿيندو جنهن ۾ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي چونڊ ڪئي ويندي. ذريعن موجب، پ پ قيادت اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي بنا مقابلي چونڊ چاهي ٿي جڏهن ته ايم ڪيو ايم پاڪستان اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر لاءِ پنهنجي اميدوارن جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته پ پ قيادت ناصر حسين شاهه ۽ شرجيل ميمڻ کي ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻن سان رابطو ڪرڻ جي ذميواري ڏني آهي.

بقايا 08 ***

لدين شاهه راشدي کي چيلينج ڪريان ٿو ته اهو خيرپور جي ڪنهن به تڪ تان منهنجي مقابلي ۾ چونڊون وڙهي. هن چيو ته هن وقت ملڪ جون حالتون صحيح نه آهن. پي ٽي آءِ پنهنجي پيرن تي پاڻ ڪهاڙي هنئي آهي. عمران خان جو ڪو به مستقبل نه آهي، صرف اونداهي ئي اونداهي آهي. منظور وسان چيو ته پيپلز پارٽي کان سواءِ ڪا به پارٽي مرڪز ۾ حڪومت نٿي ناهي سگهي، ايم ڪيو ايم هرون پرون ڪاوڙ ڏيکاري رهي آهي اها هن وقت به اسان سان گڏ آهي.

بقايا 09 ***

ڪارڪنن وچ ۾ چڪتاڻ تيز ٿي وئي. پوليس پاران ڪارڪنن تي لٺبازي به ڪئي وئي، جڏهن ته عورتن سميت سئو وڌيڪ ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو. ٻئي پاسي جيو يو آءِ ڪارڪنن طرفان شاهراهه فيصل ۽ ٽول پلازا وٽ احتجاج ڪيو. راشد محمود سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ ڪراچي ٽول پلازا، سسئي ٽول پلازا ۽ ڪارساز وٽ لڳايل ڌرڻا ختم ڪيا ويا. ڌرڻن ۾ شريڪ جي يو آءِ ۽ جي ڊي اي جا ڪارڪن ڪراچي پريس ڪلب آڏو گڏ ٿي ويا. جي يو آءِ اڳواڻ راشد محمود سومري جو چوڻ آهي ته پرامن احتجاج سنڌن حق آهي، سنڌ اسيمبلي ٻاهران هر صورت ۾ احتجاج ڪيو ويندو. احتجاج سبب شاهراهه فيصل تي نرسري کان ايف ٽي سي پل تائين ٽريفڪ جي رواني سخت متاثر ٿي جڏهن ته ڪارساز وٽ به احتجاج ڪيو ويو ان کان سواءِ ڪراچي ٽول پلازا کي بند ڪري جي يو آءِ ڪارڪنن جي پوليس پاران روڪيو ويو ڪراچي-حيدرآباد موٽروي تي به جي يو آءِ ڪارڪنن جي موجودگي سبب ٽريفڪ متاثر ٿي. هوڏانهن سنڌ اسيمبلي انتظاميا نون چونڊيل ميمبرن جي حلف برداري تقريب سبب سيڪيورٽي انتظام سخت ڪندي علائقي ۾ قلم 144 لاڳو ڪيو ويو آهي. پوليس موجب، آهي ته ڪارڪنن کي ڇڙوڇڙ ڪرڻ لاءِ لٺبازي ڪئي وئي جڏهن ته عورتن سميت 50 کان وڌيڪ ڪارڪن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته شهر ۾ قلم 144 لاڳو آهي، ڪنهن کي به ريڊ زون ۾ داخل ٿيڻ نه ڏنو ويندو. ٻئي پاسي چونڊ نتيجن خلاف گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس (جي ڊي اي)، پي ٽي آءِ، جماعت اسلامي جي ڪارڪنن پريس ڪلب سامهون لڳل ڌرڻو ختم ڪري ڇڏيو ڪراچي پريس ڪلب سامهون جي ڊي اي، پي ٽي آءِ ۽ جماعت اسلامي جي ڪارڪنن پاران چونڊ نتيجن خلاف ڌرڻو هنيو ۽ اختيارن کان معاملي جو نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو احتجاج ڪندڙ پارٽين 27 فيبروري اڱاري ڏينهن ڪارو ڏينهن ملهائڻ جو اعلان ڪيو آهي.

بقايا 10 ***

قسم آهي. هن چيو ته سنڌ اسيمبلي ۾ ويهڻ وارا جعلي مينڊيٽ وارا آهن. عوامي جي اسيمبلي پريس ڪلب ٻاهران ويٺي آهي.

بقايا 11 ***

جبر جو مقابلو ڪيون هو زرداري اينڊ ڪمپني جي ظلم ۽ جبر جو به مقابلو ڪندا. هن چيو ته جمهوريت ۽ آئين جون ڳالهيون ڪندڙن جا چهرا اڄ ڪراچي ۾ وائکا ٿي ويا. گرفتار ڪارڪنن کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته پُرامن احتجاج اسان جو حق آهي، حڪمران ان کي تشدد جو نشانو نه بڻائين.

بقايا 12 ***

سوچيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته احتجاج مهذب ۽ پُرامن ڪيو وڃي، ماڻهن کي تڪليف نه ڏني وڃي. سياسي مخالف سنڌ اسيمبلي جو گهيراءُ ڪري ڇا ثابت ڪرڻ چاهين ٿا.

بقايا 13 ***

ٻهندرا اقليتن جي مخصوص سيٽن تي قومي اسيمبلي جا ميمبر چونڊجي ويا آهن. پيپلز پارٽي کي ملندڙ سيٽن تي رميش لال ۽ نويد عامر قومي اسيمبلي جا ميمبر بڻجي ويا. ايم ڪيو ايم جي حصي ۾ ايندڙ اقليتن جي هڪ مخصوص سيٽ تي مهان منجياني کي قومي اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو آهي.

بقايا 14 ***

اسلامي جو ميڊيٽ چوري ڪيو ويو. يوٽيليٽي اسٽورز تي عام مارڪيٽ کان وڌيڪ قيمتون نااهلي جو واضح ثبوت آهي، آءِ ايم ايف جي چوڻ تي عوام کي رليف پئڪيج بدران تڪليف پئڪيج ڏنو پيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته عوام جي ڏکيائين ۾ اضافو آءِ ايم ايف جي غير مشروط غلامي جو نتيجو آهي.

بقايا 15 ***

نوٽيفڪيشن جاري ڪندي سمورن آفيسرن ۽ عملي کي هال واري پاسي وڃڻ تي پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي. پابندي تي عمل نه ڪندڙ آفيسرن ۽ عملي خلاف ڪارروائي جو حڪم ڏنو ويو آهي. نوٽيفڪيشن موجب، ڪو به آفيسر يا ملازم حال واري پاسي وڃي ته سندس خلاف ايڪشن ڪنيو وڃي.

بقايا 16 ***

۾ حلف برداري جو عمل جمعي کان شروع ٿي ويو آهي. اليڪشن ڪميشن جي ترجمان ڊي نيوز کي ٻڌايو ته ڪميشن ايس آءِ سي جي قانوني ونگ کي درخواست ڪئي آهي ته هو چونڊ عمل شروع ڪري. ان مقصد لاءِ ڪميشن کي اڃا تائين اهو فيصلو ڪرڻو آهي ته ڇا اسيمبلين ۾ مخصوص سيٽن جي حوالي سان سني اتحاد ڪائونسل کي اسيمبلي سيٽون ڏنيون وڃن.

بقايا 17 ***

ڏينهن پنهنجي بيان ۾ چيو هو ته بئريسٽر گوهر کي انٽرا پارٽي اليڪشن لاءِ چيئرمين شپ تان انڪري هٽايو ويو ڇاڪاڻ ته سندس ڪارڪردگي تسلي بخش نه هئي. هاڻي پي ٽي آءِ طرفان شير افضل مروت کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪيو ويو آهي جنهن ۾ چيو ويو آهي ته اوهان جي بيان سبب ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي. شوڪاز نوٽيس ۾ پي ٽي آءِ طرفان شير افضل کي ٽن ڏينهن اندر معافي نامو جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪندي چيو ويو آهي ته تسلي بخش جواب نه ڏيڻ جي صورت ۾ پارٽي پاليسي موجب ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 18 ***

عرب امارات کي غير واضح نائي جي ڊي وٽ ۽ ملڪ ۾ روسي پيسن جي آمد جي خدشن سبب 2022 ۾ گري لسٽ ۾ شامل ڪيو ويو هو. گڏيل عرب امارات کانسواءِ باربادوس، جبرالٽر ۽ يوگنڊا کي گري لسٽ مان ڪڍيو ويو آهي جڏهن ته ڪينيا ۽ نميبيا کي گري لسٽ ۾ شامل ڪيو ويو آهي. رپورٽ موجب گري لسٽ ۾ انهن ملڪن کي شامل ڪيو ويو آهي جيڪي مني لانڊرنگ ۽ دهشت گردي جي مالي مدد کان نڪرڻ لاءِ ڪو اسٽريٽجڪ ڪوششن ۾ ڪمزور آهن. ايف اي ٽي ايف جي سربراهه چيو آهي ته ڪينيا ۽ نميبيا کي اينٽي مني لانڊرنگ سسٽم کي گهٽ ڪرڻ لاءِ ايڪشن پلان تيار آهي. گڏيل طور تي 21 ملڪ ايف اي ٽي ايف جي گري لسٽ ۾ شامل آهن.

بقايا 19 ***

وزيراعليٰ نامزد ٿيڻ تي مبارڪون ڏنيون. ان موقعي تي گفتگو ڪندي محسن نقوي چيو ته تاريخ ۾ پهريون ڀيرو عورت وزيراعليٰ ٿيڻ هڪ روشن مثال آهي. اوهان جي ڪاميابي لاءِ دعاگو آهيان. هن چيو ته يقين آهي ته اوهان پنجاب ۾ عوامي خدمت جي نئين تاريخ رقم ڪندئو. پنجاب ۽ عوام جي ڀلائي واري مشن ۾ منهنجو سهڪار اوهان کي حاصل هوندو. مريم نواز سيد محسن نقوي جي نگران وڏي وزير طور عوامي خدمتن کي ساراهيو پنجاب جي نگران وڏي وزير صوبي ۾ ترقياتي ڪمن بابت نامزد وزيراعليٰ کي آگاهي ڏني. نامزد وزيراعليٰ مريم نواز چيو ته اوهان جي شروع ڪيل عوامي مفاد وارن منصوبن کي اڳتي وڌايو

بقايا 20 ***

خاص بينچ ڪندي. ان کان علاوه سائفر ڪيس ۾ شاهه محمود قريشي جي اپيل به سومر تي ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪئي وئي آهي. ٻئي طرف بشرا بي بي جي توشا خاني جي اپيل به ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪئي وئي آهي. خاص بينچ عمران خان، شاهه محمود ۽ بشرا بي بي جي اپيلن تي ٻڌڻي ڪندي، جڏهن ته سزا معطلي ۽ ضمانت تي آزاد ڪرڻ جي درخواستن تي به ٻڌڻي ڪئي ويندي.

بقايا 21 ***

چاهين ٿا. پي ٽي آءِ باني عمران خان طرفان آءِ ايم ايف کي خط لکڻ بابت سندس چوڻ هو ته هڪ سياسي جماعت آءِ ايم ايف کي لکي رهي آهي. جيڪا جماعت پرڏيهي مداخلت نامنظور چوندي هئي اڄ اها ئي خط لکي رهي آهي. هن چيو ته ڪو به محب وطن آءِ ايم ايف کي خط نٿو لکي سگهي، آءِ ايم ايف جي خط آڏو نه مٽي وارا واقعا معمولي ڳالهه آهن. شرجيل ميمڻ جو چوڻ هو ته سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر لاءِ نامزدگي ڪاغذن جمع ڪرائي ڇڏيا آهن.

بقايا 22 ***

لڳي 40 منٽ تي اطلاع ڏنو ويو جنهن سان 25 فائرانجڻ ۽ 130 فائرفائٽرز اچي پهتا. 15 ڄڻا مارجي ويا جڏهن ته 44 زخمي ٿيا آهن. زخمين جي حالت گنڀير ٻڌائي پئي وڃي.

بقايا 23 ***

نواز پاڪستان جي پهرين عورت وڏي وزير ٿيڻ واري آهي. عظمىٰ بخاري هيلٿ ڪارڊ بابت چيو ته مريم نواز وڏي وزير چونڊجڻ ڪانپوءِ صحت ڪارڊ بابت ٻڌائيندي. نجي ٽي وي چينل جي پروگرام ۾ ڳالهائيندي عظمىٰ بخاري چيو ته چئلينجز آهن پر مريم نواز کي پنهنجي والد نواز شريف جي سرپرستي حاصل آهي، نوجوانن بابت پروگرام جو خيال مريم نواز جو هو. عظمىٰ بخاري وڌيڪ چيو ته ڏسبو آءِ ايم ايف پروگرام جون ڪهڙيون شرطون آهن. ان کانپوءِ مفت بجلي ڏيڻ جو فيصلو ڪنداسين. واضح رهي ته پاڪستان مسلم ليگ ن طرفان مريم نواز کي پنجاب جي وڏي وزير لاءِ نامزد ڪيو ويو آهي. 2024ع جي عام چونڊن ۾ پاڪستان مسلم ليگ ن پنجاب مان 138 سيٽون حاصل ڪيون آهن جڏهن ته پاڪستان تحريڪ انصاف جي حمايت يافته آزاد اميدوارن 116 سيٽون حاصل ڪيون آهن

بقايا 24 ***

سان پنهنجي ڪيريئر شروعات به ڪئي هئي انٽرويو ۾ ريحام خان اعتراف ڪيو ته سندس فلم "جانان" ڪامياب ٿي ۽ سنو ڪمايو لاءِ هائي بي فلم به ناهي ويندي. رحام خان ويجهڙ ۾ هڪ انٽرويو ۾ پنهنجي شادين، ملڪي سياست ۽ وڌندڙ طلاقن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي.

بقايا 25 ***

تازي واقعي ۾ ڦُر دوران مزاحمت تي هٿياربندن فائرنگ ڪري 2 سگهڙ ڀائرن کي قتل ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ته گذريل ڏينهن 2 ورهين جي معصوم ٻارڙي به ڦورن جي گولي جو نشانو بڻجي فوت ٿي وئي هئي. هلندڙ سال ڪراچي ۾ هنيئر تائين بي رحم ڦورن جي فائرنگ سبب فوت ٿيل شهرين جو انگ 26 ٿي ويو آهي جنهن ۾ 2 ورهين جي معصوم ٻارڙي به شامل آهي. پوليس موجب جمعي جي شام پير آباد ٿاڻي جي حد اورنگي ٽائون بنارس فلائي اوور تي ڦُر دوران مزاحمت تي نامعلوم هٿياربندن فائرنگ ڪري 2 سگهڙ ڀائرن کي زخمي ڪري ڇڏيو هو جنهن مان هڪ ڀاءُ 28 ورهين جو عبدالمعيز علاج دوران فوت ٿي ويو هو جڏهن ته ٻئي زخمي ڀاءُ جي حالت به انتهائي گنڀير ٻڌائي ويئي هئي. ڇنڇر جي صبح 18 ورهين جو عبدالحنان به زخمن جي سٽ نه سهندي علاج دوران عباسي شهيد اسپتال ۾ فوت ٿي ويو. مقتول ڀائر منگهو پير خيرآباد جا رهواسي هئا ۽ درزي جي دڪان ۾ نوڪري ڪندا هئا. مقتول عبدالمعيز جي 3 مهينا اڳ شادي ٿي هئي. ايس ايڇ او پير آباد شاهد تاج موجب مقتول ڀائر جمعي تي بورڊ آفيس طرف موٽر سائيڪل تي بنارس فلائي اوور تان گذري رهيا هئا ته هڪ موٽر سائيڪل تي سوار هٿياربندن انهن کي هٿيارن جي زور تي روڪي ڇڏيو. ان دوران مزاحمت تي ڦورن فائرنگ ڪري ڏني ۽ فرار ٿي ويا. پوليس موجب هٿياربندن طرفان 2 کان 3 فائر ڪيا ويا. پوليس کي شڪ آهي ته ٻنهي ڀائرن کي هڪ ئي گولي لڳي آهي. جنهن سان ٻئي زخمي ٿيا ۽ علاج دوران فوت ٿي ويا. هٿياربند مقتول ڀائرن کان هڪ موبائيل فون ڦُر ڪري فرار ٿي ويا آهن. پوليس واقعي جي حوالي سان جاچ ڪري رهي آهي پر واقعي جو اڃان تائين ڪيس داخل نه ڪيو ويو آهي.

بقايا 26 ***

ميمبرن جي خلاف گذريل ڏينهن سي ڊي اي جي عملي آپريشن به ڪيو. آپريشن دوران اڳوڻي ايم اين اي منوره بيگم جي رهائشگاهه کي نوٽيفڪيشن لڳائي سيل ڪيو ويو آهي. هن لارج خالي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو اها رهائشگاهه نئين ميمبر زبير خان کي الاٽ ڪئي وئي آهي. ان کان علاوه اڳوڻي اسيمبلي ميمبر مولانا صلاح الدين ايوبي جي لارجز تي قبضو وٺي ان جو سامان ٻاهر رکيو ويو آهي اهو لارجز نئين چونڊيل اسيمبلي ميمبر صديق خان بلوچ کي الاٽ ڪيو ويو آهي.

بقايا 27 ***

ميانوالي مان چونڊ وڙهندا ۽ وزيراعظم جو قسم کڻندا. اسلام آباد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي فيصل جاويد چيو ته جيترا به بيگناهه آهن انهن کي پاڻ ڏانهن وڃڻ گهرجي، پي ٽي آءِ وارن کي کنيو ويندو هو قانون نالي ڪا شيءِ هئڻ گهرجي. فيصل جاويد چيو ته پي ٽي آءِ باني جا سمورا ڪيس ڪوڙا آهن، جلد سامهون اچي ويندا. مراد سعيد سان ڪو به تعلق ناهي. الله ڪيس سلامت رکي. فيصل جاويد چيو ته اسان جا ماڻهو عدالتن ۾ پيش ٿيڻ ۽ انصاف ٿيڻ گهرجي، هي اليڪشن فارم 45 ۽ فارم 47 جي وچ ۾ هئي، ٽيلينگ دوران غلط نمبر لکيا ويا. هن چيو ته اسان جي هر اميدوار وٽ فارم 45 آهي. پي ٽي آءِ جي باني 180 سيٽون کٽيون آهن. جنهن کي عوام مينڊيٽ ڏنو آهي اهو ئي حڪومت ناهي.

بقايا 28 ***

مارڪيٽ ۾ 20 ڪلو اٽي جو ٿيلهو 2792 روپين ۾ وڪرو ٿي رهيو آهي آهي. سرڪاري انگن اکرن موجب سيلاچانور عام مارڪيٽ جي نسبت يوٽيليٽي اسٽورز تي 53.40 روپيه مهانگو وڪرو ٿي رهيو آهي. عام مارڪيٽ ۾ سيلاچانور 317 روپيه في ڪلو ملي رهيو آهي جڏهن ته يوٽيليٽي اسٽورز تي في ڪلو سيلاچانور 370 روپين جو آهي. اڇا چڻا به عام مارڪيٽ جي نسبت يوٽيليٽي اسٽورز تي 13.53 روپيه مهانگا وڪرو ڪيا پيا وڃن. مارڪيٽ ۾ اڇا چڻا 391 روپيه في ڪلو وڪرو ٿي رهيا آهن جڏهن ته يوٽيليٽي اسٽورز تي اڇا چڻا 405 روپين ۾ وڪرو ٿي رهيا آهن. ان کان علاوه يوٽيليٽي اسٽورز تي کنڊ به عام مارڪيٽ جي نسبت 9 روپيه مهانگي وڪرو ڪئي پئي وڃي. يوٽيليٽي اسٽورز تي کنڊ جي قيمت 155 روپيه في ڪلو آهي جيڪا مارڪيٽ ۾ 146 روپيه ڪلو جي حساب سان حاصل ڪري سگهجي ٿي

بقايا 29 ***

، سنڌ مان مخصوص 14 سيٽن مان 10 سيٽون پيپلزپارٽي جي شگفتا جمالي، شاهد رحماني، شهلا رضا، مهتاب اڪبر راشدي، مسرت مهيس مهرين ڀٽو، شازيا ٿوبيا ۽ ناز بلوچ کي ڏنيون ويون. چار سيٽون ايم ڪيو ايم جي آسيا اسحاق، نگهت شڪيل، سبين غوري ۽ رعنا انصار کي ڏنيون ويون آهن.

بقايا 30 ***

موجب 26 فيبروري کان راولپنڊي اسلام آباد ۾ برساتن جي شروعات ٿيندي. ملڪ ۾ داخل ٿيندڙ مغربي هوائن علائقن ۾ سميت ملڪ جي مٿاهين علائقن ۾ تيز برسات جو امڪان ظاهر ڪيو آهي ٻئي طرف پي ڊي ايم اي پنجاب جي انتظاميه برسات بابت الرٽ جاري ڪري ڇڏيو آهي. پي ڊي ايم اي الرٽ جاري ڪندي چيو آهي ته پنجاب جي مختلف علائقن ۾ ايندڙ هفتي کان برسات جو امڪان آهي. سومر کان 27 فيبروري تائين پنجاب جي مٿاهين علائقن ۾ برسات پوندي. اٽڪ، راولپنڊي، جهلم، چڪوال، سرگودها، ميانوالي، ڀکر، ليه ۽ ڏيره غازي خان ۾ برسات ۽ ڳڙن پوڻ جو امڪان آهي. پي ڊي ايم اي پنجاب لاهور سميت مختلف شهرن ۾ تيز برسات جڏهن ته مري ۽ گليات ۾ برسات ۽ برفباري جو امڪان ظاهر ڪيو آهي. پي ڊي ايم اي ترجمان موجب برسات ۽ برفباري سان روڊ تان ٽريفڪ جي رواني متاثر ٿي سگهي ٿي. ڊي جي پي ڊي ايم اي چيو آهي ته بسترڪٽ ايمرجنسي آپريشن سينٽرز کي الرٽ جاري ڪيو ويو آهي. لاڳاپيل ضلعن جي عملي ۽ مشينري کي هاءِ الرٽ رکڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي.

بقايا 31 ***

۽ 72 انچ پي آر سي لائين نمبر 2 متاثر ٿي وئي، ترجمان واٽر ڪارپوريشن موجب لائين جي متاثر ٿيڻ جو اطلاع ملڻ تي واٽر ڪارپوريشن جا عملدار فوري طور موقعي تي پهچي ڪري متاثر لائين جو معائنو ڪيو. ان موقعي تي سي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر سيد صلاح الدين احمد پاران لاڳاپيل آفيسرن کي هدايتون ڏيندي چيو ته متاثر لائين جي بحالي وارو ڪم ڪري هنگامي بنيادن تي مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن شهرين کي ڪنهن به قسم جي پريشاني کي منهن ڏيڻو نه پوي. ان سلسلي ۾ واٽر ڪارپوريشن عملدارن پاران متاثر لائين جي بحالي وارو ڪم هنگامي بنيادن تي شروع ڪري ڇڏيو چيف انجنيئر بلڪ واٽر ڪارپوريشن موجب شهر ۾ پاڻي جي فراهمي متبادل لائينن جي ذريعي جاري آهي.

بقايا 32 ***

پنجاب اسيمبلي جو اجلاس اڍائي ڪلاڪ دير سان شروع ٿيو مسلم ليگ ن پنجاب جي اميدوار مريم نواز جي ايوان ۾ آمد تي احتجاج ڪيو ويو سني اتحاد ڪائونسل ۽ مسلم ليگ ن جي ميمبرن هڪ ٻئي خلاف سخت نعريبازي ڪئي. پنجاب اسيمبلي جي 4 نون چونڊيل ميمبرن حلف کڻي ورتو. سني اتحاد ڪائونسل جي حافظ فرحت به حلف کڻندڙن ۾ شامل آهي. مغرب جي نماز جي وقفي ڪانپوءِ اجلاس ٻيهر شروع ٿيو ۽ نئين اسپيڪر جي چونڊ جو عمل شروع ڪيو ويو اسپيڪر شپ لاءِ مسلم ليگ ن جي ملڪ محمد احمد خان جو سني اتحاد ڪائونسل جي احمد خان ڀچر سان مقابلو هو پنجاب اسيمبلي ۾ اسپيڪر جي چونڊ لاءِ 3 پولنگ بوٿ ٺاهيا ويا. جتي 327 ميمبرن ووٽ ڪاسٽ ڪيو مسلم ليگ ن جو ملڪ احمد خان 225 ووٽ کڻي پنجاب اسيمبلي جو اسپيڪر چونڊجي ويو. سندس ڪاميابي تي مسلم ليگ ن جي ميمبرن شير شير مريم مريم جا نعرا هنيا. حلف کڻڻ ڪانپوءِ اسپيڪر ايوان جي باقي ڪارروائي جاري رکندو ۽ هاڻي ڊپٽي اسپيڪر جي چونڊ ڪندو ڊپٽي اسپيڪر جي چونڊ ۾ مسلم ليگ ن جي ظهير اقبال چنڙ جو مقابلو سني اتحاد ڪائونسل جي معين رياض قريشي سان ٿيندو سني اتحاد ڪائونسل جي احمد خان ڀچر جو چوڻ آهي ته سندس ميمبرن کي اسيمبلي ۾ اچڻ کان روڪيو پيو وڃي. ميان اسلم اقبال محفوظ هنڌ تي آهي. پنجاب اسيمبلي جو اجلاس اڍائي ڪلاڪ دير سان شروع ٿيو مسلم ليگ ن پنجاب جي اميدوار مريم نواز جي ايوان ۾ آمد تي احتجاج ڪيو ويو سني اتحاد ڪائونسل ۽ مسلم ليگ ن جي ميمبرن هڪ ٻئي خلاف سخت نعريبازي ڪئي. پنجاب اسيمبلي جي 4 نون چونڊيل ميمبرن حلف کڻي ورتو. سني اتحاد ڪائونسل جي حافظ فرحت به حلف کڻندڙن ۾ شامل آهي. مغرب جي نماز جي وقفي ڪانپوءِ اجلاس ٻيهر شروع ٿيو ۽ نئين اسپيڪر جي چونڊ جو عمل شروع ڪيو ويو اسپيڪر شپ لاءِ مسلم ليگ ن جي ملڪ محمد احمد خان جو سني اتحاد ڪائونسل جي احمد خان ڀچر سان مقابلو هو پنجاب اسيمبلي ۾ اسپيڪر جي چونڊ لاءِ 3 پولنگ بوٿ ٺاهيا ويا. جتي 327 ميمبرن ووٽ ڪاسٽ ڪيو مسلم ليگ ن جو ملڪ احمد خان 225 ووٽ کڻي پنجاب اسيمبلي جو اسپيڪر چونڊجي ويو. سندس ڪاميابي تي مسلم ليگ ن جي ميمبرن شير شير مريم مريم جا نعرا هنيا. حلف کڻڻ ڪانپوءِ اسپيڪر ايوان جي باقي ڪارروائي جاري رکندو ۽ هاڻي ڊپٽي اسپيڪر جي چونڊ ڪندو ڊپٽي اسپيڪر جي چونڊ ۾ مسلم ليگ ن جي ظهير اقبال چنڙ جو مقابلو سني اتحاد ڪائونسل جي معين رياض قريشي سان ٿيندو سني اتحاد ڪائونسل جي احمد خان ڀچر جو چوڻ آهي ته سندس ميمبرن کي اسيمبلي ۾ اچڻ کان روڪيو پيو وڃي. ميان اسلم اقبال محفوظ هنڌ تي آهي.

بقايا 33 ***

ڪارڪنن وچ ۾ چڪتاڻ تيز ٿي وئي. پوليس پاران ڪارڪنن تي لٺبازي به ڪئي وئي، جڏهن ته عورتن سميت سئو وڌيڪ ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو. ٻئي پاسي جيو يو آءِ ڪارڪنن طرفان شاهراهه فيصل ۽ ٽول پلازا وٽ احتجاج ڪيو. راشد محمود سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ ڪراچي ٽول پلازا، سسئي ٽول پلازا ۽ ڪارساز وٽ لڳايل ڌرڻا ختم ڪيا ويا. ڌرڻن ۾ شريڪ جي يو آءِ ۽ جي ڊي اي جا ڪارڪن ڪراچي پريس ڪلب آڏو گڏ ٿي ويا. جي يو آءِ اڳواڻ راشد محمود سومري جو چوڻ آهي ته پرامن احتجاج سنڌن حق آهي، سنڌ اسيمبلي ٻاهران هر صورت ۾ احتجاج ڪيو ويندو. احتجاج سبب شاهراهه فيصل تي نرسري کان ايف ٽي سي پل تائين ٽريفڪ جي رواني سخت متاثر ٿي جڏهن ته ڪارساز وٽ به احتجاج ڪيو ويو ان کان سواءِ ڪراچي ٽول پلازا کي بند ڪري جي يو آءِ ڪارڪنن جي پوليس پاران روڪيو ويو ڪراچي-حيدرآباد موٽروي تي به جي يو آءِ ڪارڪنن جي موجودگي سبب ٽريفڪ متاثر ٿي. هوڏانهن سنڌ اسيمبلي انتظاميا نون چونڊيل ميمبرن جي حلف برداري تقريب سبب سيڪيورٽي انتظام سخت ڪندي علائقي ۾ قلم 144 لاڳو ڪيو ويو آهي. پوليس موجب، آهي ته ڪارڪنن کي ڇڙوڇڙ ڪرڻ لاءِ لٺبازي ڪئي وئي جڏهن ته عورتن سميت 50 کان وڌيڪ ڪارڪن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته شهر ۾ قلم 144 لاڳو آهي، ڪنهن کي به ريڊ زون ۾ داخل ٿيڻ نه ڏنو ويندو. ٻئي پاسي چونڊ نتيجن خلاف گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس (جي ڊي اي)، پي ٽي آءِ، جماعت اسلامي جي ڪارڪنن پريس ڪلب سامهون لڳل ڌرڻو ختم ڪري ڇڏيو ڪراچي پريس ڪلب سامهون جي ڊي اي، پي ٽي آءِ ۽ جماعت اسلامي جي ڪارڪنن پاران چونڊ نتيجن خلاف ڌرڻو هنيو ۽ اختيارن کان معاملي جو نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو احتجاج ڪندڙ پارٽين 27 فيبروري اڱاري ڏينهن ڪارو ڏينهن ملهائڻ جو اعلان ڪيو

آهي.

بقايا 34 ***

پنجاب اسيمبلي جو اجلاس اڍائي ڪلاڪ دير سان شروع ٿيو مسلم ليگ ن پنجاب جي اميدوار مريم نواز جي ايوان ۾ آمد تي احتجاج ڪيو ويو سني اتحاد ڪائونسل ۽ مسلم ليگ ن جي ميمبرن هڪ ٻئي خلاف سخت نعريبازي ڪئي. پنجاب اسيمبلي جي 4 نون چونڊيل ميمبرن حلف کڻي ورتو. سني اتحاد ڪائونسل جي حافظ فرحت به حلف کڻندڙن ۾ شامل آهي. مغرب جي نماز جي وقفي ڪانپوءِ اجلاس ٻيهر شروع ٿيو ۽ نئين اسپيڪر جي چونڊ جو عمل شروع ڪيو ويو اسپيڪر شپ لاءِ مسلم ليگ ن جي ملڪ محمد احمد خان جو سني اتحاد ڪائونسل جي احمد خان ڀچر سان مقابلو هو پنجاب اسيمبلي ۾ اسپيڪر جي چونڊ لاءِ 3 پولنگ بوٿ ٺاهيا ويا. جتي 327 ميمبرن ووٽ ڪاسٽ ڪيو مسلم ليگ ن جو ملڪ احمد خان 225 ووٽ کڻي پنجاب اسيمبلي جو اسپيڪر چونڊجي ويو. سندس ڪاميابي تي مسلم ليگ ن جي ميمبرن شير شير مريم مريم جا نعرا هنيا. حلف کڻڻ ڪانپوءِ اسپيڪر ايوان جي باقي ڪارروائي جاري رکندو ۽ هاڻي ڊپٽي اسپيڪر جي چونڊ ڪندو ڊپٽي اسپيڪر جي چونڊ ۾ مسلم ليگ ن جي ظهير اقبال چنڙ جو مقابلو سني اتحاد ڪائونسل جي معين رياض قريشي سان ٿيندو سني اتحاد ڪائونسل جي احمد خان ڀچر جو چوڻ آهي ته سندس ميمبرن کي اسيمبلي ۾ اچڻ کان روڪيو پيو وڃي. ميان اسلم اقبال محفوظ هنڌ تي آهي.

بقايا 35 ***

مارڪيٽ ۾ 20 ڪلو اٽي جو ٿيلهو 2792 روپين ۾ وڪرو ٿي رهيو آهي آهي. سرڪاري انگن اکرن موجب سيلاچانور عام مارڪيٽ جي نسبت يوٽيليٽي اسٽورز تي 53.40 روپيه مهانگو وڪرو ٿي رهيو آهي. عام مارڪيٽ ۾ سيلاچانور 317 روپيه في ڪلو ملي رهيو آهي جڏهن ته يوٽيليٽي اسٽورز تي في ڪلو سيلاچانور 370 روپين جو آهي. اڇا چڻا به عام مارڪيٽ جي نسبت يوٽيليٽي اسٽورز تي 13.53 روپيه مهانگا وڪرو ڪيا پيا وڃن. مارڪيٽ ۾ اڇا چڻا 391 روپيه في ڪلو وڪرو ٿي رهيا آهن جڏهن ته يوٽيليٽي اسٽورز تي اڇا چڻا 405 روپين ۾ وڪرو ٿي رهيا آهن. ان کان علاوه يوٽيليٽي اسٽورز تي کنڊ به عام مارڪيٽ جي نسبت 9 روپيه مهانگي وڪرو ڪئي پئي وڃي. يوٽيليٽي اسٽورز تي کنڊ جي قيمت 155 روپيه في ڪلو آهي جيڪا مارڪيٽ ۾ 146 روپيه ڪلو جي حساب سان حاصل ڪري سگهجي ٿي

بقايا 36 ***

عرب امارات کي غير واضح نائي جي ڊي وٽ ۽ ملڪ ۾ روسي پيسن جي آمد جي خدشن سبب 2022 ۾ گري لسٽ ۾ شامل ڪيو ويو هو. گڏيل عرب امارات کانسواءِ باربادوس، جبرالٽر ۽ يوگنڊا کي گري لسٽ مان ڪڍيو ويو آهي جڏهن ته ڪينيا ۽ نميبيا کي گري لسٽ ۾ شامل ڪيو ويو آهي. رپورٽ موجب گري لسٽ ۾ انهن ملڪن کي شامل ڪيو ويو آهي جيڪي مني لانڊرنگ ۽ دهشت گردي جي مالي مدد کان نڪرڻ لاءِ ڪو اسٽريٽجڪ ڪوششن ۾ ڪمزور آهن. ايف اي ٽي ايف جي سربراهه چيو آهي ته ڪينيا ۽ نميبيا کي اينٽي مني لانڊرنگ سسٽم کي گهٽ ڪرڻ لاءِ ايڪشن پلان تيار آهي. گڏيل طور تي 21 ملڪ ايف اي ٽي ايف جي گري لسٽ ۾ شامل آهن.

بقايا 37 ***

وزيراعليٰ نامزد ٿيڻ تي مبارڪون ڏنيون. ان موقعي تي گفتگو ڪندي محسن نقوي چيو ته تاريخ ۾ پهريون ڀيرو عورت وزيراعليٰ ٿيڻ هڪ روشن مثال آهي. اوهان جي ڪاميابي لاءِ دعاگو آهيان. هن چيو ته يقين آهي ته اوهان پنجاب ۾ عوامي خدمت جي نئين تاريخ رقم ڪندئو. پنجاب ۽ عوام جي ڀلائي واري مشن ۾ منهنجو سهڪار اوهان کي حاصل هوندو. مريم نواز سيد محسن نقوي جي نگران وڏي وزير طور عوامي خدمتن کي ساراهيو پنجاب جي نگران وڏي وزير صوبي ۾ ترقياتي ڪمن بابت نامزد وزيراعليٰ کي آگاهي ڏني. نامزد وزيراعليٰ مريم نواز چيو ته اوهان جي شروع ڪيل عوامي مفاد وارن منصوبن کي اڳتي وڌايو

بقايا — سنڌيار — 01

ڪارڪنن توڙي مردن تي ڪُٽڪي ٻيي جنهن ڪري علائقو ميدان جنگ جو ڏيک ڏيڻ لڳو پوليس لاٺي چارج ڪندي قومي عوامي تحريڪ جي 16 عورتن سميت ٻين تنظيمن جي ڪافي ڪارڪنن کي گرفتار ڪري ورتو. هوڏانهن راشد محمود سومرو جي اڳواڻي ۾ جي يو آءِ جي قافلي کي ڪراچي ٽول پلازا تي روڪيو ويو. جڏهن شاهه ذاري جي يو آءِ جي ڪافلو رڪاوٽون توڙي شاراهه فيصل تي پهتو ته پوليس لاٺي چارج شروع ڪري ڇڏي جنهن ڪري درجنين ڪارڪن ۽ شديد زخمي ٿي پيا ڪارڪنن جي پٿراءُ سان پوليس اهلڪار به زخمي ٿي پيا. هوڏانهن جي ڊي اي اڳواڻ سيد زين شاهه . ڊاڪٽر صفدر عباسي .حليم عادل شيخ. حافظ نعيم رحمان .سردار رحيم .جڳديش آهوجا .منير حيدر شاهه. ڊاڪٽر عليناز گبول ۽ منير مگسي ڪراچي پريس ڪلب تي ڪارڪنن سان گڏ ڌرڻو هڻي ويهي رهيا. ان موقعي تي اڳواڻن جو چوڻ هو ته ڪراچي مڪمل طور سيل آهي اسان هتي ڪيئن پهتا آهيون اها اسان کي خبر آهي. اسان جي پرامن احتجاج کي نوٽيفڪيشن ۾ شريسندن جو احتجاج لکيو ويو آهي. اسان جي قافلن کي مختلف هنڌن تي روڪيو ويو آهي. عورت ڪارڪنن تي لٺبازي ڪري ڪين گرفتار ڪيو ويو آهي مختلف هنڌن تي رستا سيل ڪيا ويا آهن اسان جو احتجاج پرامن آهي هو جنهن کي پوليس هٿن سان پر تشدد بڻائي ڇڏيو. انهن چيو ته پوري ملڪ ۾ هن جالي مينڊيٽ خلاف عوام سراپاءِ احتجاج آهي پر حڪومت پنهنجي هوڏ تي قائم تي جور دروازي ڪان حڪومت ۾ اچڻ تا چاهن پر اسان هنن کي 6 منهينا به حڪومت ڪرڻ نه ڏينداسي: جي ڊي اي اڳواڻن آخر ۾ اعلان ڪيو ته 27 فيبروري تي پوري سنڌ ۾ ڪارو ڏينهن ملايو ويندو ۽ سڄي سنڌ ۾ احتجاج ڪيا ويندا.

بقايا — سنڌيار — 02

منهنجو 40 سالن جو پٽ عباس علي شاهه گذريل سومر ڏينهن گهران نڪرڻ کان پوءِ لاپتا ٿي ويو آهي. جنهن جي ڳولا مٿن مائٽن وٽ ڪرڻ سان گڏ شهر جي مختلف ٿاڻن تي اهڙو اطلاع پڻ ڏنو آهي. پر تنهن باوجود پٽ جو ڪو ڏس پتو ناهي پئجي سگهيو. جڏهن ته پٽ عباس علي شاهه جو ذهني توازن درست نه آهي. جنهن ڪري اڳ به هو 8 ڏينهن گم ٿي ويو هو. پر ڪجهه نامعلوم ڪار سوار ماڻهو ڪيس هٽ ڪري در تي ڇڏي ويا هئا. هن چيو پٽ جي گم ٿيڻ ڪان پوءِ اسان سمورا گهر ڀاتي سخت پريشان ٿي ويا آهيون ۽ اسان جي گهر ۾ ڪهرام مچل آهي. جنهن لاءِ لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي. ايس ايس پي ۽ ٻين وس وارن کي اپيل آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي گم ٿيل پٽ جي ڳولا ۾ مدد ڪري چانيل پريشاني ختم ڪئي وڃي.

بقايا — سنڌيار — 03

ڳورڙ ۽ ٻين احتجاج ڪندي ڏانهيو ته رڪشا مالڪ خالد ڳورڙ جيڪو رڪشا هلائي پنهنجي ٻچڙن جو گذر سفر ڪندو آهي منجهند جو هن پاران سواري کڻي ڪوڙل شاهه ڪالوني پهتو ته اتي موجود 3 اڻڄاتل هٿيار بند ڦورو موجود هئا انهن پاران مون کان هٿيارن جي زور تي ڏينهن ڏٺي جو رڪشا ڦر ڪيو ويو. مظاهرين وڌيڪ چيو ته انهن ڦورن مان هڪ ڄڻي جي سڃاڻپ ڪئي آهي سڃاڻپ وارو ماڻهو جو نالو يار محمد لاشاري ٻڌايو پيو وڃي بي سيڪشن پوليس کي ڦر واقعي جو اطلاع ڏنو ويو آهي پر پوليس بروقت ڪا به ڪاروائي نه ڪئي آهي.

بقايا — سنڌيار — 04

گرفتاري لاءِ جوائنٽ ايڪشن ڪاميٽي جي سڏ تي دادو پريس ڪلب سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل جي ميزباني ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو صحافين هٿن ۾ بينر کڻي پريس ڪلب تي احتجاج ڪرڻ بعد ريلي پڻ ڪڍي وئي. ان موقعي تي دادو پريس ڪلب جي صحافين ۽ سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل جي عهديدارن ۽ ميمبرن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته شهيد صحافي جان محمد مهر جو مکيه قاتل شيرو مهر سميت قتل ۾ ملوث جوابدارن ۽ سهولتڪارن کي گرفتار ڪري صحافين ۾ پکڙيل بيچيني ختم ڪئي وڃي ۽ شهيد جي وارثن سان انصاف ڪيو وڃي. احتجاجي مظاهري کي دادو پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري غوث علي جهتيال. رضوان غني منگي. جاويد لغاري. فتاح شيخ. نياز چانڊيو. دانش خشڪ. عبدالستار شيخ. گلشير سولنگي. آصف پنهور. نواز لاکو. سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل تعلقي دادو جي صدر ڪامران ڪورائي. جنرل سيڪريٽري راجد علي ملاح. راجه رميزچنه. اطلاعات سيڪريٽري ديدار شيخ. خزانچي اياز جمالي. آفيس سيڪريٽري آفتاب ڳورڙ. علي گوهر سومرو. غلام مصطفيٰ پنهور. آصف علي سومرو. مشتاق احمد شاهاڻي. الله بخش خشڪ. شبير احمد مستوئي. غلام سرور پنهور. سڪندر پنهور. شوڪت ملاح. شهداد لغاري. حيدر پير. علي محمد ملاح. عاشق ملاح ۽ ٻين صحافين مظاهري ۾ شرڪت ڪئي. مظاهرين سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته جيسيتائين شهيد صحافي جا قاتل گرفتار ٿيندا تيسيتائين صحافين پاران احتجاجي تحريڪ جاري رهندي.

بقايا — سنڌيار — 05

ڪيس ان موقعي تي طلاقيل عورت سميران ابڙو ڏانهيندي الزام لڳايو ته مان 2 سال اڳ لاڙڪاڻي جي خانگي بئنڪ مان اتان جي ملازمن منصور ميمڻ ۽ عبدالڪريم ڪوسو معرفت ۾ پيرا قرض ڪنيو ۽ ٿئين پيري مون کي بليڪ ميل ڪندي گذريل سال 3 مارچ تي خانگي بئنڪ جي ملازم منصور ميمڻ پنهنجي هٿيارٻند سائين ارسلان سرهيو. عبدالڪريم ڪوسو ۽ ٻين سان گڏجي گهر ۾ داخل ٿي هٿيارن جي زور تي مون کي جنسي ڏاڍائي بعد تشدد جو نشانو بڻائي فرار ٿي ويا اهڙي واقعي جو اطلاع مون ووميين ٿاڻي جي پوليس کي ڏنو بعد ۾ ايس ايس پي لاڙڪاڻو جي هدايتن تي ٻهرين جنوري تي ووميين ٿاڻي تي جاڻايل ٻااثرن خلاف داخل ڪيو ويو پر پوليس هن وقت تائين ڪنهن به جوابدار کي گرفتار ناهي ڪيو جنهن ڪري جوابدارن گذريل 3 فيبروري تي شهر جي وي آءِ پي روڊ تي حملو ڪري مون کي زخمي ڪري مسلسل ڪيس تان هٽ ڪڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جڏهن ته جاچ ڪندڙ پوليس آفيسر انسپيڪٽر غلام مصطفيٰ سانڌائو ۽ ليڊي انسپيڪٽر رحمت عباسي منهنجي شاهدن مجاهد علي پٽي ۽ سئوٽ سجاد علي کان زبردستي ڪوڙو بيان لکي ڏيڻ لاءِ دٻاءُ وجهي رهيا آهن جيڪا وڏي ناانصافي آهي. هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي جنسي ڏاڍائي ۽ تشدد ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪري جاچ ڪندڙ پوليس آفيسرن خلاف ڪارروائي ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 06

حڪومت دوران استادن جي ڀرتين ۾ پٽو نظام متعارف ڪرائي نوجوانن کي نظرانداز ڪيو هو ۽ هارڊ ايريا جو بهانو بڻائي پنهنجا نوازي ڪندي 33 ڪان به گهٽ مارڪون ڪندڙن اميدوارن کي استاد طور ڀرتي ڪيو آهي جڏهن ته اسان 33 ڪان 39 مارڪون ڪندڙ مسلسل ٻن سالن کان سراپا احتجاج آهيون پر ڪنهن به اجا تائين اسان جي ڏانهن جو داد ناهي ڪيو اڳوڻن چيو ته اسين درگاهه شاهه گودڙيو اڳيان دانهين ٿيا آهيون ۽ جبلن ، ٻهاڙن اڳيان انوکو احتجاج ڪندي مطالبو ڪيون ٿا ته جلد کان جلد ٻي ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي جي هڙتاڙو بند پيپل پروسيس کي فلفور شروع ڪري آئين ۽ قانون مطابق برابري جي بنياد تي پوري سنڌ جي اميدوارن کي 33 مارڪن تي پاس ڪري سنڌ جا بند پيل هزارين اسڪول ڪولي آفر آرڊر جاري ڪيا وڃن

بقايا — سنڌيار — 07

ڪئي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ صحافين ڪراچي ايسٽ پريس ڪلب جي صدر غوث بگهيو علي محمد پٽو ميان مدير قمر ڪانڌڙو اظهر پٽو سعيد پٽو سياسي سماجي اڳواڻ ڪامريڊ شبير راجپر غلام قمبر حاجاڻو ذاڪر ڪانڌڙو وڪيل رياض ڪانڌڙو عبدالمنان چانڊيو جمن تنير فقير رياض شهجهان مارفاڻي ۽ ٻين چيو ته حق سچ لکڻ تان هڪ سازش تحت سکر جي صحافي جان محمد مهر کي قتل ڪيو

ويو هن چيو ته شهيد جان محمد مهر جو قتل شعور جو قتل آهي مگر پوليس قاتلن کي هن وقت تائين گرفتار نه ڪري سگهي آهي جيڪا پوليس حڪمران جي نااهليءَ جو چٽو ثبوت آهي هن چيو ته قاتلن جلد گرفتار ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا — سنڌيار — 08

لنڪ روڊ جو ڪم رولڙي جو شڪار ڳوٺاڻن پاران ٺيڪيدار خلاف ڪاروائي ڪرڻ ۽ روڊ جو تعميراتي ڪم جلد مڪمل ڪرائڻ جو مطالبو خبر موجب ضلع بدين جي تعلقه تلهار جي يو سي ٻيرو لاشاري استاپ لڳ ڳوٺ باغ علي ٽالپر ڏانهن ويندڙ لنڪ روڊ رولڙي جو شڪار آهي ڳوٺاڻن ڏانهيندي الزام هنيو ته روڊ هڪ ڪلو ميٽر فاصلي تي ڳوٺ تائين منظور ٿيل آهي ڪجهه مهينا اڳ ٺيڪيدار پٿر جون به ٽرڪون لاهي غائب ٿي ويو آهي اڃان تائين ڪنهن به مالڪي ناهي ڪئي هن چيو ته ايمرجنسي ۽ برساتن دوران اچ وڃ ۾ شديد تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو حيدرآباد مين روڊ کان صرف هڪ ڪلو ميٽر جو فاصلو آهي اهو ڪم به رولڙي جو شڪار آهي اليڪشن کان اڳ پٿر لاهي ٺيڪيدار سميت روڊس کاتي جي ڪامورا نظر ناهن آيا هنن لاڳاپيل ادارن سميت تڪ جي چونڊيل ايم پي اي. ايم اين اي کان مطالبو ڪيو آهي ته منظور ٿيل ڳوٺ جو رستو جلد مڪمل ڪرائي ڳوٺاڻن کي سهولتون ڏنيون وڃن

بقايا — سنڌيار — 09

آف جرنلسٽ پاران شهيد صحافي جان محمد مهر جا مک قاتل گرفتار نه ڪرڻ خلاف ڇنڇر ڏينهن به ايس يو جي صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي علامتي بک هڙتال جو سلسلو جاري رکيو احتجاج ۾ شهيد جان محمد مهر جي ڀاءُ ڪرم مهر، استاد سليم مهر سکر پريس ڪلب جي صدر آصف ظهير لوڌي ،شهزاد تابائي،سليم سهتو ،سحرش کوکر ،جلال الدين پيپ ،يار محمد سومرو،اظهر دايو، ڪاشف ڦلپوٽو ،علي ڪوسو ابراهيم سومرائي،جهانزيب وسير ،نادر سنجراڻي، انس ملڪ، جي ايم شيخ، طفيل وسطڙو، شاهنواز شر ، محمد علي سولنگي، سليم ٻريهو ،اسلم دايو ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته افسوس جي ڳالهه آهي ته سکر پوليس 195 ڏينهن ٿيڻ باوجود شهيد جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار نه ڪيو آهي جڏهن ته دهشتگردي جي خاتمي واري عدالت به حڪم ڏئي چڪي آهي ته ايف آئي آر ۾ نامزد جوابدار گرفتار ڪيا وڃن پر ان جي باوجود پوليس عمل نه پئي ڪري هنن چيو ته جيستائين شهيد جان محمد جي قاتلن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٿو آندو وڃي تيستائين جدوجهد جاري رکي ويندي.اڳواڻن سومر ڏينهن نگران وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن خلاف علامتي جنازو رکي احتجاج ڪرڻ جو اعلان ڪيو

بقايا — سنڌيار — 10

۽ سڄاڻ شهرين پاران پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو شهيد جان محمد مهر جا مک قاتل گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. رپورٽ موجب نڪرانو ۾ شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ صحافين ۽ سڄاڻ شهرين پاران پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو آهي احتجاج ڪندڙ سينيئرصحافي مير حسن منگي راجد سومرو اربيلو مهتم عطا سهتو علي گوهر مهر غلام حسين راڄڙ ڪرم علي نظام الدين قاضي مهتاب علي مهر برڪت علي مهتم ۽ ٻين چيو آهي ته سکر جي سينيئر صحافي شهيد جان محمد کي بيڏرهه قتل ڪيو ويو هو ڪيس داخل هئڻ باوجود سکر پوليس هن مهل تائين اصل جوابدار قاتل گرفتار نه ڪري سگهي آهي احتجاج ڪندڙ آئي جي سنڌ ۽ ڊي آئي جي سکر کان مطالبو ڪيو آهي ته شهيد صحافي جان محمد مهر جي قتل ۾ ملوث اصل جوابدار گرفتار ڪري سخت کان سخت سزا ڏني وڃي

بقايا — سنڌيار — 11

بارڙو اذان ولد حاجي تارو سخت زخمي ٿي پيو آهي. جنهن کي سول اسپتال مڪلي ۾ داخل ڪيو ويو آهي. جهيڙي جو ڪارڻ معلوم ٿي ناهي سگهيو. ڪينجهر پوليس رپورٽ درج ڪري جانچ جاري ڪري ڇڏي آهي. جڏهن ته ڪابه گرفتاري عمل ۾ اچي ناهي سگهي.

بقايا — سنڌيار — 12

۽ اهلڪارن کي ضروري حڪم جاري ڪيا. عرس جي موقعي تي سيڪيورٽي لاءِ مقرر پوليس اهلڪارن کي هدايتون جاري ڪيون ويون آهن ته عرس جي موقعي تي ڊيوٽي دوران لاپرواهي ۽ ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي. پنهنجا فرض بهتر نموني سرانجام ڏيو ايس ايس پي سکر پوليس عملدارن کان سڪيورٽي بابت تفصيلي بريفنگ پڻ ورتي. عرس جي موقعي تي ڪنهن به اڻٽڙندڙ واقعي کان بچڻ لاءِ سمورن حاضرين ۽ زائرين کي ٽن ڏينهن تائين جامع تلاشي ڪانبو چيڪنگ پوائنٽ کان ميلي ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ڏني وڃي پنهنجي چوڌاري نظر رکو ۽ ڪنهن به شڪي شخص يا غير معمولي رويي کي ڏسڻ جي صورت ۾ فوري طور تي ايڪشن وٺو يا بروقت ڪنٽرول روم جهانگير بيس کي اطلاع ڏيو

بقايا — سنڌيار — 13

چيبل اعجاز ممناڻي جي ٻن ڪتابن برقان اندر بجيون ۽ سميع جهانگي سان جي رونمائي 02 مارچ 2024 بروز ڇنڇر 2 وڳي اولڊ اسڪول مدرسي ۾ ٿي گذري، هاءِ اسڪول نوشهروفيروز جي هال ۾ منعقد ٿي رهيو آهي، جنهن ۾ علمي ۽ ادبي شخصيتن کي دعوت ڏني وئي آهي. افتتاحي تقريب جي صدارت سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس جو پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر سيد اظهر علي شاهه ڪندو، جڏهن ته پيا مهمان ايم ظفر ٽگڙ، صدر نيشنل پريس ڪلب، نوشهروفيروز ڏانشور معظم نصير ملاح ضمير حسين وسطڙو ماڊرن ٽيڪنيڪل انسٽيٽيوٽ جو باني پروفيسر مخدوم اظهر نوجوان شاعر امانت وسطڙو انفارميشن آفيسر دادو عبداللطيف سولنگي انفارميشن آفيسر نوابشاهه غلام عباس گورو هي صوبائي سيڪريٽري سيد مختيار شاهه خطاب ڪندو. تقريب جي آخر ۾ صحت، تعليم، ادب، سماجيات سميت مختلف شعبن ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شخصيتن ۾ 20 ايوارڊ شيلڊون ۽ 20 سرٽيفڪيٽ ورهايا ويندا، صحافت جا شعبا شامل آهن جڏهن ته بهترين شاگردن کي ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويندا. جڏهن ته آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ ۽ گلن سان نوازيو ويندو

بقايا — سنڌيار — 14

مقابلي صدر , آچرخان گبول جنرل سيڪريٽري. نائب صدر فيروز الدين شيخ. جوائنٽ سيڪريٽري محمد علي دايو. خزانچي لاءِ نزيد احمد جوڻيجو بنا مقابلي چونڊجي ويو جڏهن ته ايم ايم سي لاءِ الطاف حسين . امين الدين خاصخيلي. عبدالستار شر دانش عثمان غني ميمڻ , خميسو خان رند طالب حسين لاشاري ۽ فرزانه پٽي به بنا مقابلي چونڊجي ويا. جڏهن ته عبدالرحيم مهر جو ميڊيا ڪوآرڊينيٽر لاءِ نالو ورتو پيو وڃي . سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي نئين چونڊيل صدر قربان علي ملاح ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته بار ۾ صحتمند سرگرميون نظر اينديون. هن چيو ته بار ۽ بينچ وچ ۾ عزت ۽ وقار جو رشتو قائم ڪنداسين. سينيئر ۽ جونيئر وڪيلن نئين چونڊيل عهديدارن کي گلن جا هار پارائي مبارڪباد ڏني.

بقايا — سنڌيار — 15

ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويس ان موقعي تي غازي ڪالرو ڪالوني جي رهواسين محبوب علي قائمخاني ، محمود قائمخاني ۽ انور قائمخاني احتجاج ڪرڻ بعد پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته غازي ڪالرو ڪالوني ۽ اڪرم ڪالوني ۾ اسان جو 437 فوٽن جو پلاٽ ۽ 4500 فوٽن جو پلاٽ آهي اها ملڪيت اسان جي والد لال خان ۽ والده عليمه بانو جي نالي سان آهي. جنهن جا سڀئي قانوني ڪاغذ اسان وٽ موجود آهن هنن چيو ته اڄ ڏينهن جو اسان جي برادري جي ڪجهه ماڻهن ٻاڻ سان گڏ آنڊل ماڻهن جي مدد سان اسان جي پلاٽن تي قبضي جي ڪوشش ڪئي جنهن کي پوليس جي مدد سان ناڪام ڪيو ويو ۽ اين سي

داخل ڪرائي وئي آهي جنهن بعد اسان جي برادري جا ٻااثر ماڻهون اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن هنن گهر ڪٺي ته اسان جي پلاٽن تي ناجائز قبضو ڪندڙن خلاف ايف آءِ آر درج ڪري قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي ۽ اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 16

دانهون. تحفظ ڏيڻ جو مطالبو تفصيل موجب: شڪارپور جي ڪوٽ سلطان جي رهاسي لياقت علي ڪيهر ۽ سندس پريميڪا ڳوٺ حاجي مثل آڏيالي جي رهواسڻ مائي ريحانا ڏيٺا گذريل ڏينهن ميرپورماٿيلي پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪندي ڏانهيو ته ڏينهن اڳ هنن عدالتي پرڻو ڪيو آهي. جنهن بعد پريميڪا ريحانا ڏيٺيا جا مائٽ پرويز ڏيٺا ابراهيم ڏيٺا جاويد مور عيدن منير مجيد عاشق امير بخش سلار ڏيٺا ۽ ڳوٺ جا ٻااثر امير شاهه لاڙ شاهه ۽ ٻيا سندن جي جان جا ويري بڻجي ڪين قتل ڪرڻ لاءِ حملا ڪري رهيا آهن جڏهن ته هن ڪوڙا ڪيس ڪري پريمي جي گهر تي چڙهايون ڪرائي پريمي جي پائرن ۽ ٻين مائٽن کي حراسان ڪري سندن لاءِ عذاب ڪري ڇڏيو آهي. هنن ايس ايس پي شڪارپور ۽ ٻين وسوارن کان جاڻايل جوابدارن ۽ شڪارپور ضلعي جي پوليس کان تحفظ ڏيارڻ جو مطالبو ڪندي خوشي سان زندگي گذارڻ جي اجازت ڏيڻ جي اپيل ڪئي.

بقايا — سنڌيار — 17

پنهنجي ڳهورارن سان گڏ سجدو عشق ادا ڪري پنهنجي رب کي راضي ڪيس سلسلهِ نقشبنديه طاهريه جي سالار فخر انسانيت سجڻ سائين فرمائين ٿا ته سجده عشق اهو آهي ته توهان جو تن من الله تعاليٰ جي اڳيان جهڪي وڃي. جڏهن الله تعاليٰ سان سڌو ڪنيڪشن هجي ته سڄي تربه سان الله تعاليٰ جي رحمت جي بارش سان عذاب ڌوئي ويندو. شب برات اها رات آهي جنهن ۾ عبادت ذريعي باهه کان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو ويندو پر افسوس اسان وٽ ان جي برعڪس صورت ۽ طريقه ڪار آهي. گهرن گهرن ۾ آتشبازي سان باهه ٻاري ويندي آهي. اها اسلامي تعليمات جي سراسر خلاف آهي. آتشبازي سان الله جي ناراضگي آهي. ان کان علاوه جيڪو ظاهري نقصان ٿيو آهي ان جو اندازو ميڊيا جي ذريعي آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو. مسلمانن کي، اسان کي گڏجي هن غلط. نقصانڪار ۽ غير قانوني رسم کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ڪوشش ۽ محنت سان هر برائي کي ختم ڪري سگهجي ٿو. مؤمن جي ڳالهه اها آهي ته هو هر وقت اسلام جو مبلغ رهيو اسان جي ذلت ۽ غلامي جو سبب اهو آهي ته اسان اسلام جي اصولن کي ڇڏي ڏنو آهي. آتش بازي کي روڪڻ صرف انتظاميه جي نه پر والدين تي به فرض آهي. وڏي ذميواري آهي ته پنهنجن ٻارن جي اصلاح ڪري انهن کي آتش بازي کان پري رکو ته جيئن هو پاڻ به ان جي نقصان کان بچي سگهن ۽ ٻين کي به نقصان نه پهچي ۾ قبرستان، مسجدن جي جوڙائي صفائي جو خاص انتظام ڪيو وڃي ۽ هن رات لوڊشيڊنگ نه ڪئي وڃي ۽ سڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا وڃن.

بقايا — سنڌيار — 18

آصف علي زرداري جي صدر ٿيڻ سان ملڪ خوشحالي ڪندو ملڪ ترقي ڪندو هن چيو ته ڏرٽا هٿندڙ پارٽيون پنهنجي شڪست قبول ڪن ۽ ملڪ کي ترقي ڏيارڻ لاءِ حڪومت جو ساٿ ڏيئي ملڪ کي هن ڏکي وقت مان ڪڍڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن هن چيو ته هن وقت هنن کي فلسطين جي آواز بڻجڻ گهرجي ته جيئن فلسطين جي مسلمان کي انصاف ملي سگهي يهودي مسلمانن جو قتلِ عام بند ڪن تمام مسلم ملڪن کي گڏجي فلسطين جي مدد ڪرڻ گهرجي

بقايا — سنڌيار — 19

يونيورسٽيز ايمپلائيز فيڊريشن سن 1989 ع کان ڪم ڪري رهي آهي ۽ هن وقت سنڌ جون 23 سرڪاري يونيورسٽيون ان فيڊريشن جون ميمبر آهن ۽ ان جي رجسٽريشن لاءِ 2019 ۾ ڪوشش ڪئي وئي جنهن مطابق پراونشل اسسٽنٽ رجسٽرار جوائنٽ اسٽاڪ ڪمپنيز ريجن لاڙڪاڻو جي آفيس مان سوسائٽي ايڪٽ XXI_1860 تحت سرٽيفڪيٽ نمبر 1296 رجسٽرڊ نمبر A 1258 تاريخ 25_02_2019 تي رجسٽرڊ ڪندي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويو جڏهن ته سنڌ يا پاڪستان اندر مختلف فيڊريشن بغير رجسٽريشن جي هاڻي به ڪم ڪري رهيون آهن پر افسوس جولسن يونيورسٽي جامشورو جا ڪجهه سازشي عناصر سعيد لاشاري، مخدوم اشفاق ۽ انهن سان لاڳاپيل چند ملازم جن مان هڪ ۽ سرڪاري ملازم هوندي به صحافين جا عهديدار سڏائين ٿا اهي غيرسنجيدا، اقتدار جا لالچي. جن اقتدار ۾ هوندي ملازمن جو حق غضب ڪندي پنهنجن عزيزن جون نوڪريون ورتيون. ملازمن جا لکين روپيا غبن ڪاڌا ۽ انهن جا عزيز پڻ انتظامي حصو آهن انهن رجسٽريشن آفيس مان هڪ ليٽر وٺي فيڊريشن جي سرٽيفڪيٽ کي جعلي قرار ڏيندي مختلف الزام هيان آهن جيڪي بلڪل بي بنياد آهن پهريون ته ان ليٽر جي تصديق ڪرائي ويندي جو ته اگر انهن پنهنجو ڊئل سرٽيفڪيٽ کي به جعلي سڏيو آهي ته اهو ليٽر به جعلي ٿي سگهي ٿو پيو ته ڪو به وڏو چندو نه ٿيو هيو صرف 5 هزار هر هڪ يونيورسٽي تي رکيل هئا جن مان به ڪجهه يونيورسٽيون نه ڏئي سگهيون هيون ۽ ٽوٽل رجسٽريشن تي 90 هزار خرچ آيو هيو جيڪا سڀني يونيورسٽين جي اڳواڻن کي خبر آهي ۽ ان جو پورو رڪارڊ آهي ۽ انهن لوگهن، ليبر سڏائيندڙن کي بخد خبر آهي پر اهي ان ڪري فيڊريشن جا دشمن. ملازمن جا دشمن ٿي ڪري ڪوڙا الزام ۽ سازشون ڪري رهيا آهن جو تازو لسن ۾ ملازمن جي اليڪشن 2024 ۾ جيڪا 2013 کان فيڊريشن ڪرائيندي آئي آهي ۽ آهي چند چور ليڊر خد فيڊريشن جو حصو رهيا آهن ۽ فيڊريشن جي نوٽيفڪيشن تي عهدا ماڻيندا رهيا آهن پر هي سامهون وارن اميدوارن جي ميمبرشپ ختم ڪندي 03 پيرو چور دروازي کان اقتدار ۾ اچڻ جي ڪوشش ڪئي پر هن دفعي فيڊريشن اليڪشن 2024 ۾ انهن سان هڪ لڪت ڪندي اهي انهن سڀني ملازمن جي ميمبرشپ بحال ڪرڻ لاءِ چيو جيڪو هنن فراڊين ان لڪ تي عمل نه ڪيو ۽ اليڪشن جو پڻ حصو نه ٿيا هن وقت تائين غيرقانوني لسوا جي آفيس تي قابض آهن باقي فيڊريشن ان ليٽر خلاف يا رجسٽريشن جو مڪمل دفاع ڪندي ۽ سيني فورمن تي ان کي ڪليم ڪندي ۽ اها ان اقتدار جي پڪين کي پل آهي ته ان سان فيڊريشن ٽي ڪرائر ڪيندو. فيڊريشن رجسٽرڊ نه هئي تڏهن به هئي، فيڊريشن رجسٽرڊ ٿي تڏهن به فيڊريشن آهي. فيڊريشن رجسٽريشن نه هوندي تڏهن به فيڊريشن هوندي جو ته فيڊريشن ۾ موجود سڀ يونيورسٽيون هڪ پيج تي آهن ان چند چورن جي ڪري فيڊريشن ٽي ڪو به اثر ناهي ۽ انهن نام نهاد ڪوڙن چور ليڊرن لاءِ پڻ ايندڙ فيڊريشن جي اجلاس ۾ سخت ڪاروائي لاءِ فيصلو ڪيو ويندو ۽ مان سڀني يونيورسٽيز ميمبرس فيڊريشن جي اڳواڻن کي گذارش ٿو ڪريان ته انهن چند چورن لاءِ جيڪي اقتدار جي حوس ۾ انڌا ٿي پيا آهن انهن خلاف پنهنجي پنهنجي يونيورسٽي پيد تي پريس هلائن ۽ انهن جي ناپاڪ سوچن کي مٽي حوالي ڪن.

بقايا — سنڌيار — 20

شاهراهن جي صفائي سترائي جو ڪم هنگامي بنيادن تي مڪمل ڪيو وڃي. زائرين کي بهترين سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي. روشني جا انتظام ڪيا وڃن اهڙن خيالن جو اظهار چيئرمين نذير احمد پٽو ، ميونسپل ڪمشنر تنوير آرائين ۽ ٻين آفيسرن سان گڏ تاريخي ورثي چوڪندي قبرستان , مجيد ڪالوني ۽ قبرستان شيرپا ڪالوني قبرستان , بختاور ڳوٺ قبرستان، ابراهيم حيدري قبرستان ۽ ٻين قبرستانن ۾ هلنڌڙ صفائي، لائٽنگ جي ڪم جو جائزو وٺڻ ۽ دوري دران ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو ان موقعي تي ٽائون چيئرمين نذير احمد پٽو مختلف قبرستانن ۾ صفائي جي ڪم جو جائزو ورتو ٽائون چيئرمين نظير احمد پٽو موقعي تي موجود لاڳاپيل آفيسرن کي هدايتون جاري ڪندي چيو ته شب برات جي مقدس ۽ بابرڪت رات تي وڏي

تعداد ۾ ماڻهو پنهنجن پيارن جي قبرن تي اچن ٿا ۽ پنهنجن پيارن جي قبرن تي فاتحه خواني ڪن ٿا. قبرن لاءِ مٽي جا ڍير ۽ پاڻي جا ٽينڪر گهرايا وڃن هر قبرستان ۾ مٽي ۽ پاڻي جو بندوبست ڪيو وڃي ته جيئن عوام کي ڪا به پريشاني نه ٿئي. عوام کي صاف سترو ۽ صحتمند ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آندا وڃن. مسجدن ۽ امام بارگاهن ۽ قبرستان جي چوڌاري سهولتن جي فراهمي جو عمل وقت کان اڳ مڪمل ڪيو وڃي. ابراهيم حيدري ٽائون پاران استقباليه ڪيمپن تي پيئڻ جي صاف پاڻي، طبي سهولتن ۽ خاص ڪري جنريٽر جو بندوبست لازمي ڪيو وڃي. زائرين جي سهولتن کي نظر ۾ رکندي قبرستان ٻاهران گاڏين ۽ موٽر سائيڪلن جي پارڪنگ جا خاص انتظام ڪيا وڃن. ان موقعي تي ٽائون آفيسر ۽ ميمبر ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا — سنڌيار — 21

ڪري دعا گهري، گلاب جي پتين اگر بتي ۽ ٻين شين جا اگهه وڌي ويا. دڪاندارن جي چاندي تفصيل موجب ملڪ جي ٻين شهرن وانگر سنڌ جي ٽئين وڏي شهر سکر ۾ به شب برات جي موقعي تي وڏي انگ ۾ فوت ٿيلن جي قبرن تي حاضري ڀري مرحومين جي مغفرت لاءِ دعائون گهريون ويون سکر جي مختلف قبرستانن بابن شاهه، پير مراد شاهه، لال مشائخ، نشون ڳوٺ ۽ ٻين قبرستانن ۾ گلن جون چادرون پتيون اگر بتيون ٻاري سندن روح جي ايصال ثواب لاءِ فاتحه خواني ڪئي قبرستانن ۾ ماڻهو پنهنجن ٻارن کي ٻه سائڻ گڏ وٺي ويا ۽ پنهنجن ٻارن کي پنهنجن بزرگن جي قبرن بابت آگاهي ڏني ته جيئن ٻار ٻه زيارت ڪن ۽ پهنجن وڏن جي قبرن کي سڃاڻي سگهن جڏهن ته اهڙن موقعن تي قبرستان ٻاهران گلاگريتيون ۽ ٻيو سامان وڪرو ڪندڙ دڪاندارن پاران سامان جا اگهه وڌائي ڇڏيا

بقايا — سنڌيار — 22

جي يوآءِ جي يوآءِ سٽي سکر جي سيڪريٽري اطلاعات مفتي اعظم مهرجيو آهي ته احتجاج ڪرڻ اسان جو جمهوري حق آهي . پر امن احتجاج ڪرڻ تي سنڌ پوليس پاران افسوسناڪ عمل آهي جنهن جي جيتري مذمت ڪجي گهٽ آهي . هن چيو ته ڪراچيءَ ۾ جي يوآءِ سنڌ جي سيڪريٽري جنرل قائد سنڌ علامه راشد محمود سومرو پرامن احتجاج ۽ ڪارڪنن تي تشدد ۽ پٿراءُ ڪرڻ دهشتگردي آهي . چيف جسٽس کي نوٽس وٺڻ گهرجي سنڌ پوليس ٻ جي وانگارو بڻجي چڪي آهي . سنڌ اسيمبلي ۾ جعلي حلف کڻندڙن کي اسان هلڻ نه ڏينداسين . جي يوآءِ جي سيڪريٽري اطلاعات مفتي اعظم مهر چيو ته ڪراچيءَ ۾ جي ڊي اي جي يوآءِ عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن تي خاموش نه ويهنداسين . چيف جسٽس پاڪستان کي نوٽس وٺڻ گهرجي .

بقايا — سنڌيار — 23

ويس اوقاف کاتي حيدرآباد ۽ ميرپورخاص ڊويزن جي ايڊمنسٽريٽر ڊاڪٽر نور احمد ڀهڻ. مئنيجر اوقاف احمد ڪمال خان. ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر محفوظ علي سومرو ۽ ٻين سان گڏ درگاهه تي چادر چاڙهي عرس مبارڪ جو باقائد افتتاح ڪري ڇڏيو چادر چاڙهڻ بعد ملڪ جي سالميت. استحڪام. خوشحالي ۽ امن لاءِ دعا گهري وئي. بعد ۾ ايڊمنسٽريٽر اوقاف ڊاڪٽر نور احمد ڀهڻ درگاهه جي ماحول جي نگراني لاءِ اوقاف کاتي پاران قائم ڪيل سي سي ٽي وي ڪنٽرول روم جو پڻ معائنو ڪيس ان موقعي تي هن چيو ته سنڌ صوفي بزرگن ۽ درويشن جي سرزمين آهي. جن هميشه امن. پيار. ڀائيچاري ۽ محبت جو درس ڏنو آهي. سندن تعليمات تي عمل ڪرڻ اسان جو فرض آهي. درگاهون روحانيت ۽ فيض جونديون ۽ اسان سڀني جو قيمتي اثاثو پڻ آهن. هن چيو ته ٿو پرامن ضلعو آهي. ان جي باوجود سڪيورٽي جا بهتر انتظام ڪيا ويا آهن. ان حوالي سان واڪ ٿرو گيٽس ۽ 16 سي سي ٽي وي ڪئميراٿون بڻ لڳايون ويون آهن ته جيئن سيڪيورٽي ۽ مانيٽرنگ واري عمل کي يقيني بڻائي سگهجي. هن چيو ته درگاهن تي زائرين ۽ عقيدتمندن کي سهولتون فراهم ڪرڻ اوقاف کاتي جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي. هن چيو ته زائرين جي سهولت لاءِ پيئڻ جو صاف پاڻي، وضو. غسل خانو. مسافر خانو. لنگر ۽ ٻيا انتظام ڪيا ويا آهن هن چيو ته درگاهن جو تقدس هر صورت ۾ برقرار رکيو ويندو. ڪنهن کي به غلط استعمال جي اجازت هرگز نه ڏني ويندي.

بقايا — سنڌيار — 24

آهي. پوليس هٿان ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي. چئن مهينن کان اسان کي ٿاڻن ايس ايس پي آفيس ۽ ڊي سي آفيس متياري جا چڪر ڪٽرائي رهيو آهي. اسان جا ٻچا بکون ڪاٽڻ تي مجبور آهن. اسان وٽ زمين جي هاري جو خسرو پڻ موجود آهي. پر اسان جي ڪير به ٻڌڻ وارو ناهي. خبر موجب ڳوٺ ڪوڙو خان بالادي جي هر هارين حاجي بالادي، انور بالادي، شجاع محمد بالادي ۽ عبدالله بالادي پريس ڪلب اوڊيرولال آڏو زميندار مير لالا ٽالپر خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي ڏانهيو آهي ته اسان چئن پيڙهين کان ميرن جا هر هاري آهيون ۽ غلامي ڪندا پيا اچون. اسان ڪان هاريپ واريون زمينون ڪسي اسان کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن. هنن روئيندي ٻڌايو ته اسان جي چئن پيڙهين ميرن جي غلامي ۾ گذاري ڇڏيا آهن. اسان تعليم کي ڇڏي هنن جي غلامي ڪئي، اڄ اسان ڪان هاريپ واريون زمينون ڪسي اسان کي بي دخل ڪري ڇڏيو آهي. هنن چيو ته اسان وٽ 48 ايڪڙ زمين هاريپ تي هئي. جنهن جا اسان وٽ خسرا ۽ ثبوت موجود آهن. اسان جي ڪير به ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي. هن وقت اسان کي گهر خالي ڪرڻ لاءِ ڌمڪيون مليون رهيون آهن. هنن چيو ته ٻااثر زميندار لالا مير عرف خرم ٽالپر اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي. اسان چئن مهينن کان ذليل ٿي رهيا آهيون. معصوم ٻارڙا بکن ۾ پاهه ٿي رهيا آهن. هنن چيو ته زميندار ٻااثر ماڻهو آهي. جيڪو اسان کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ لاءِ ڌمڪيون پيو ڏئي. هنن چيو ته هن وقت اسان سخت مشڪلاتن ۾ مبتلا ٿي ويا آهيون. ٻااثر زميندار اسان جي هاريپ واري زمين تي قبضا ڪري پنهنجا فصل پوکي ڇڏيا آهن. جنهن سبب اسان سخت پريشان ٿي ويا آهيون. هنن سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس ۽ وس وارن کان انصاف جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا — سنڌيار — 25

تعلقه اسپتال بعد گشتي جوڳي حالت ۾ لاڙڪاڻو اسپتال منتقل ڪيو ويو تعلقه اسپتال ميهڙ ۾ موجود وارثن ۽ پوليس موجب ته نصيرآباد واسي نوجوان ڪراچي ڪان واپس نصيرآباد اچي رهيا هئا ته ميهڙ انڊس هاءِ وي ٽول پلازا وٽ ڪار جو ٽائر برسٽ ٿيڻ سبب واقعو پيش آيو آهي

بقايا — سنڌيار — 26

پاران پوليو مهم جي بائيڪاٽ جو اعلان ڪندي مطالبو ڪيو ته جيسيتائين اسڪول کي بنيادي سهولتون نه ملنديون تيستائين پوليو جو بائيڪاٽ جاري رکو رپورٽ موجب ٺڪرانو ويجهو ڳوٺ نانگرو جي گورنمينٽ برائز پرائمري اسڪول مياندا ۾ مهر ۾ سهولتن جي کوٽ خلاف ڳوٺاڻن اسڪولي شاگردن سان گڏ احتجاجي مظاهرو ڪري سهولتن نه ملڻ تائين پوليو مهر جي بائيڪاٽ جو اعلان ڪيو احتجاجي مظاهرو ڪندڙ ڳوٺاڻن محمد مراد مهر محمد ايوب محمد رحيم شاهنواز مهر والي ڏنو ڪبوتر فقير حبيب الله ميوو منگي ۽ ٻين چيو آهي ته اسڪول ۾ در دريون فرنيچر واش روم چارديواري، پيئڻ جي پاڻي سميت ڪي به بنيادي سهولتون نه هجڻ ڪري اسڪول ۾ 250 ڪان مٿي شاگرد سخت تڪليفن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن ڪيترائي معصوم ٻار اسڪول ۾ سهولتن جي اڻهوند سبب صرف ديني تعليم حاصل ڪري واپس گهر وڃي مزدوري ڪرڻ ۽ چوپايو مال چارڻ تي مجبور آهن ڳوٺاڻن چيو آهي ته اسان ڪيترائي پيرا وزير اعلي سنڌ مراد علي شاهه ۽ تعليم کاتي جي اختيارين کي شڪايتون ڪيون آهن پر ان باوجود اسڪول ۾ سهولتون ناهن مليون سگهيون شاگرد پٽ تي ويهي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻن ايندڙ پوليو مهر جو بائيڪاٽ ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته

جيسيتائين سهولتون نه ملنديون تيسيتائين 7 ڳوٺن جا پڙهندڙ ٻارڙن جا والدين پوليو مهر جو بائيڪاٽ جاري رکندا ڇاڪاڻ ته اصل معذوري تعليم نه پڙهڻ آهي معذوري هوندي تعليم وارو ترقي ڪري سگهي ٿو تعليم بنا انسان اڌورو آهي

بقايا — سنڌيار — 27

سکر محمد بخش بلوچ موجب سکر پوليس مختلف وڏين ڪارروايون دوران شهر جي مختلف علائقن مان هٿ ڪيل 40 لک رپين کان وڌيڪ ماليت جا 39 موبائيل فون هٿ ڪري وارثن حوالي ڪري ڇڏيا. اي ايس پي سٽي سکر محمد عامر شهزاد هٿ آيل چوري ٿيل موبائيل فون ايس ايس پي سکر جي هدايتن تي اصل مالڪن حوالي ڪري ڇڏيا ترجمان موجب اصل مالڪ اهي موبائل فون شهر ۾ مختلف واقعن ۾ شهرين کان چوري ٿيڻ کان پوءِ پوليس ٽريسنگ جي مدد سان موبائل فون هٿ ڪري ورتا آهن جڏهن ته چوري ۽ ڦر ٿيل قيمتي موبائيل فون واپس ملڻ تي متاثرين خوشي جو اظهار ڪندي ايس ايس پي سکر پوليس ۽ پوليس جو شڪريو ادا ڪيو ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي ايس ايس پي سکر زبير نذير احمد شيخ ۽ سنڌس ٽيم جا ٿورا مڃيا آهن

بقايا — سنڌيار — 28

اءِ فورم جي سرواڻ مشهور ميمڻ ۽ ٻين سيتا روڊ ريلوي اسٽيشن تي ٽرين جي بحالي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو

بقايا — سنڌيار — 29

نگ اجهامي سگهي آهي ايس ايس پي متياري جي سخت نوٽيس توڙي ايس ايس پي متياري پاران بدامني جي بنياد تي پنجن ٿاڻن جي ايس ايچ اوز جي بدلين باوجود بدامني نه گهٽجي سگهي گذريل رات دير سان متياري قومي شاهراه تان ڪراسنگ پل وٽ ٽن هٿيارٻندن موٽر سائيڪل سوار ٻن شهرين شهنيل ميمڻ ۽ شيراز ميمڻ کي روڪي هٿيارن جي زور تي پنهي کان موبائل فونون ۽ ڪيسي ۾ پيل ڪيش ڦر ڪري فرار ٿي ويا ڦريل شهرين جو چوڻ هو ته اسان ڪنهن سان ويل هٿاسين جڏهن واپس شهر ڏي اچي رهيا هئاسين ته متياري باءِ پاس وٽ ٽن هٿيارٻندن اسان کي روڪيو ۽ هٿيار ڏيکاري اسان کان موبائلون ۽ ڪيسي ۾ پيل ڪيش ڦر ڪري فرار ٿي ويا

بقايا — سنڌيار — 30

سکر جي قيادت کي سخت تنقيد جو نشانو بڻائيندي آصف علي ڪوسوعلاءَ الدين قريشي نويد ڪوسو صابر پٽي سيد شبير شاهه ۽ ٻين جو چوڻ هو ته حليم عادل شيخ علي پلهه ۽ ٻين پ ب جي اميدوارن سامهون ڪمزور اميدوار بيهاري پي ٽي آءِ جي اثر سنڌ مان هٽ ڪان ٽڏا ويڙهه ڪرائي آهي 2018 ۾ اين اي 200 تان مبين جتوئي کي ستر هزار ووٽ مليا هيا ۽ 2024 ۾ na 200 تي بيهاريل اميدوار گوهر ڪوسو صرف 19 هزار ووٽ ڪنيا اهي به تڪ جي عوام گوهر ڪوسو کي نه پر عمران خان جي محبت ۾ ڏنا صفيه بلوچ ۽ عزيز ابڙو به 2018 جي پيٽ ۾ تمام گهٽ ووٽ کنيا ان جو ڪارڻ چونڊ مهر نه هلائڻ هو پي ٽي آءِ اميدوارن صرف شهر ۾ ريليون ڪڍيون صرف شهر گهمندا رهيا ڳوٺاڻن علائقن ۾ نه جلسا ڪيا نه ئي انتي ماڻهن کي ووٽ لاءِ چيو سنڌ جي قيادت پئسن تي ٽڪيٽون وڪرو ڪيون جنهن سبب پارٽي کي اتر سنڌ ۾ وڏو ڌڪ رسيو آهي مرڪزي قيادت کي اپيل آهي ته سنڌ جي قيادت جي پارٽي ٽڪيٽ ڏيڻ واري عمل جي جاچ ڪرائي وڃي اهڙو اظهارسکر جي گوليمار واري علائقي ۾ سينيئر پي ٽي آءِ ڪارڪن جي ٿيل اجلاس ڪانپوءِ ڪارڪنن ميڊيا سان ڳالهائيندي مٿين ڪارڪنن آصف علي ڪوسوعلاءَ الدين قريشي نويد احمد ڪوسو ٻين وڌيڪ چيو ته حليم عادل شيخ ۽ جنرل سيڪريٽري علي پلهه ڪارڪن جي فون ٿي ناهن ڪنندا جنهن ڪري ڪارڪن مايوسي جو شڪار آهن سنڌ جي قيادت صرف ڪراچي کي ئي سنڌ سمجهي ٿي اندرون سنڌ مان پارٽي جا پراڻا ڪارڪن مايوس ٿي پ ب ۾ شامل ٿي رهيا آهن جيڪڏهن پي ٽي آءِ مرڪزي قيادت سنڌ جي اهڙي قيادت کي نه هٽايو ته پوءِ اندرون سنڌ مان پارٽي کي وڏو نقصان پهچندوسکر ۾ جادم منگي جهڙي ماڻهون کي ٽڪيٽ ڏني وئي جيڪو پئسا وٺي مخالف اميدوار جي حق ۾ ويهي رهيو اسان پي ٽي آءِ چيئرمين ۽ ٻي مرڪزي قيادت تائين پيغام پهچائيون ٿا ته خدارا سنڌ مان پارٽي کي تباهه ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ ٺڪرا قدم ڪنيا وڃن ۽ ڪارڪنن جي داد رسي ڪئي وڃي

بقايا — سنڌيار — 31

تفصيل موجب محمود صابر مسجد الفرقان رليف ٽرسٽ پاران آگو ملاح ڳوٺ ۾ هڪ معذور فيملي کي ٻن ڪمرن تي مشتمل گهر تعمير ڪرائي ڏنو ويو اڳانسوا 3 فرنيچر . سولر پليٽ . بيٽري ، پائڻ لاءِ ڪپڙا ، ويل چئر پڻ ڏنا ويا آهن ان موقعي تي فلاحي اداري جي اڳواڻن چيو ته اسان کي خبر پئي ته آگو ملاح ڳوٺ ۾ هڪ اهڙي فيملي رهي ٿي جنهن جا ٽي ٻارڙا معذور آهن جهڳي نما جهوپڙي ۾ فاقاڪشي واري زندگي گذاري رهيا آهن وٽن علاج ڪرائڻ لاءِ پئسا نه آهن اسان پنهنجي ٽيم سان پهچي متاثرين جي وس آهر واهرڪئي ٻن ڪمرن تي مشتمل گهر تعمير ڪرائي ڏنو ۽ پڇاءَ جا ٽانو. هنڌ بسترا ، ڪپڙا ، سولر پليٽ ، بيٽري ۽ جيڪي معذور ٻارڙا هئا انهن لاءِ ويل چيئر پڻ ڏني آهي هن وڌيڪ چيو ته اجان به اهڙا ڪوڙ سارا لاچار ۽ مجبور انسان موجوده آهن سرندي وارن کي گهرجي ته اهڙن مستحقن جي مدد ڪن

بقايا — سنڌيار — 32

حوالي سان ٻوتا لڳايا. چيف جسٽس جي پهچڻ تي پوليس جي دستن طرفان سلامي ڏني وئي. جڏهن ته چيف جسٽس هاءِ ڪورٽ عقيل احمد عباسي سان گڏ جسٽس خادم حسين سومرو . سينئر جج سنڌ هاءِ ڪورٽ جسٽس شفيع صديقي. جسٽس محمد جنيد غفار. جسٽس امجد علي سهتو. جسٽس ارباب علي هڪڙو ۽ ٻيا جج صاحبان پڻ گڏ هئا. ڊسٽرڪٽ سيشن جج انعام علي ڪلهوڙو . سيڪنڊ ايڊيشنل سيشن جج آصف ميمڻ . فرسٽ سينئر سول سليم ڪيريو. سيڪنڊ سينئر سول جج خوشي محمد. سول جج ميڊم ڪوثر گبول. سول جج 2 ميڊم ماه رخ رشيد نظاماڻي. سول جج لالا اسد . سول جج ميڊم روحا خاصخيلي . ڪنزيومر پروٽيڪشن جج صبا مريم . سول جج چميڙ نواب خاصخيلي. ڊپٽي ڪمشنر الطاف گوهر ميمڻ. ايس ايس پي سيد سليم شاهه . صدر ڊسٽرڪٽ بار اغيث السلام طاهرزاده . جنرل سيڪريٽري سهيل عباس ديشڪ ۽ وڪيل برادري چيف جسٽس جو استقبال ڪري چيف جسٽس کي لنگين . سنڌي ٽوپين ۽ اجرڪن جا تحفا ڏنا. ان موقعي تي چيف جسٽس هاءِ ڪورٽ عقيل احمد عباسي ڊسٽرڪٽ بار ۾ خطاب ڪندي چيو ته وڪيلن کي نظر ۽ ضبط ۽ ڊسيپلين جو مظاهرو ڪرڻ کپي. ڪورٽ روم جو ماحول خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ کان پرهيز ڪيو وڃي. هن ججن کي واضح هدايتون پڻ ڪيون آهن ته هر ڪنهن جي عزت برابر آهي ڪنهن سان به ناانصافي ٿيڻ نه ڏينداسين هن چيو ته بار ڪائونسل جا سمورا معاملا جلد حل ڪيا ويندا ۽ اسان کي قانون جي دائري ۾ رهي ڪري ڪم ڪرڻ گهرجي. ۽ قانون جو احترام ڪرڻ اسان جو فرض آهي. چيف جسٽس موجب ججن وٽ ڪا به پاليسي يا ٻي ڪا به ايجنڊا ناهي. ججن جي فقط هڪ ايجنڊا هوندي آهي ته هو خدا کي حاضر ۽ ناظر ڄاڻي انصاف ڪري ۽ ماڻهن کي انصاف فراهم ڪري. اسان وٽ ڪو به ايجنڊا ناهي سواءِ ان جي ته قانون جي بالادستي ۽ انساني حقن جي پچڪوڙي نه ٿئي. هن وڌيڪ چيو ته اسان اهو ڪنداسين جيڪو اسان جي پهچ ۾ آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن بئي کي ڪرڻي آهي ته اسان ان کي هدايتون ڏينداسين ڪوشش ڪنداس ته بار ڪائونسل ۾ ڊيجيٽل لائبريري سميت ٽنڊوالهيار جي سمورن مسئلن کي جلد کان جلد حل ڪريون.

بقايا — سنڌيار — 33

انتقامي ڪارروايون شروع ڪري ڇڏيون. ٻااثر ماڻهن جي زيادتين خلاف متاثرن جو احتجاجي مظاهرو ڪيس ان موقعي تي مظاهرين جو چوڻ هو ته ڪجهه ڏينهن اڳ ٻااثر ماڻهن جي سڏ تي اسان جي ڀيءَ کي ليين سان مارڪٽ ڪري سخت

زخمي ڪيو ويو. پوليس ٻااثر ماڻهن جي فرياد تي اسان جي ايف آءِ آر داخل نه ڪري رهي آهي. احتجاج ڪندڙن جو وڌيڪ چوڻ هو ته اسان جي ٻيءَ جي غلطي هئي جو هن هڪ ٻااثر شخص خلاف اليڪشن ۾ حصو ورتو احتجاج ڪندڙن الزام هنيو ته ايم اين اي شبير علي بجاراڻي. اشرف علي بجاراڻي ۽ ٻين پاران محمد حنيف بجاراڻي تي چڙهائي ڪري زخمي ڪري ڇڏيو، احتجاج ڪندڙن اعليٰ اختيارين ڪان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 34

انجام تائين پهچائينداسين.عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت ڪرڻ پوليس جو اولين فرض آهي: طاهر دايو ايس ايچ او بي سيڪشن ، تفصيل موجب بي سيڪشن ٿاڻي جي نئين مقرر ٿيل ايس ايچ او بي سيڪشن سب انسپيڪٽر طاهر دايو جي اڳواڻي ۾ شهر جي جوڏاري مختلف علائقن لقمان، ڳاڙهي پل، خاکي شاهه پل، اسٽيشن روڊ، مل ڪالوني، سول اسپتال روڊ ۽ ٻين علائقن ۾ پوليس فليگ مارچ ڪيو ويو ايگلس (موٽرسائيڪلن) تي پوليس جي وڏي نفري شهر ۽ گهٽين جو گشت ڪيس ان موقعي تي بي سيڪشن ٿاڻي جي ايس ايچ او طاهر دايو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته علائقي ۾ هرصورت امن و امان جي صورتحال کي بحال ڪرڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آڻينداسين. ڏوهاري ڪيترو به ٻااثر چو هجي ڪيس قانون جي گرفت ۾ آندو ويندو. ايس ايچ او طاهر دايو چيو ته سماجي برائين جو خاتمو اولين ترجيح ۾ شامل آهي. جڏهن ته گهرن ۽ دڪانن مان ٿيندڙ چورين .ڦرن .ڌاڙن جي ڏوهن جي روڪٿام ۾ رڪوري لاءِ آءِ ٽي.جيو فينسنگ. موبائل ٽريسنگ سميت جديد طريقن سان ڏوهن تي ڪنٽرول ڪيو ويندو. ايس ايچ او طاهر دايو خيرپور جي عوام کي اپيل ڪئي ته سماجي برائين ۽ ڏوهارين جي نشاندهي ڪرڻ ۾ مدد ڪئي وڃي. انفارميشن ڏيندڙ شهري جو نالو راز ۾ رکيو ويندو، اسان جو خاص مقصد علائقي کي امن جو گهوارو بڻائڻ آهي. ان موقعي تي لقمان پوليس چوڪي جوانچارج اي ايس آءِ عبدالغفار ڦلپوٽو، اي ايس آءِ مشتاق ڳوپانگ، اي ايس آءِ علي بخش شاهاڻي،پوليس اهلڪار غلام سرور نارڃو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا — سنڌيار — 35

مهر ٿاڻي تي برڪت پٽي کي ايس ايچ او مقرر ڪيو ويو 3 ڏينهن ٿاڻي تي رهڻ بعد برڪت پٽي کي هٽائي 2 ڏينهن ايس ايچ او ۽ جبار مهر کي ٿاڻي تي مقرر ڪيو جيڪو به 2 ڏينهن ايس ايچ او رهيو اڄ خانپورمهر ٿاڻي تان بيهر جبار مهر کي پڻ هٽايو ۽ ايس ايچ او چارج اي ايس آئي لياقت مهر حوالي ڪئي وئي آهي هوڏانهن خانپورمهر ٿاڻي تان ايس ايچ اوز جي هڪبئي پٺيان بدلين سبب امن امان جي صورتحال پڻ خراب ٿي وڃي آهي شهرين مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور خانپورمهر ٿاڻي تي ڪو ايماندار ايس ايچ او مقرر ڪرائي امن امان جي صورتحال بهتر بڻائي وڃي

بقايا — سنڌيار — 36

ڏئي رهيو آهي. انصاف ڪيو وڃي. نئون ڪوٽ جي درزي پاڙي جي رهواسي 70 سالا محبوب عالم راجپوت صحافين اڳيان ڏانهيندي چيو ته منهنجو پٽ محمد آصف راجپوت غلط صحبت ۾ اچي نافرمان بڻجي ويو آهي . جيڪو مونکي جان کان مارڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي. ۽ مون تي مارڻ لاءِ حملا به ڪري چڪو آهي هن چيو ته پٽ غلط ماڻهن سان گڏجي گهر جو الا تلا وڪڻي تباهه ڪري ڇڏيو آهي هاڻي رهيل زمين به وڪڻڻ چاهي ٿو منهنجي انڪار ڪرڻ تي هو مون کي بار بار ڌمڪائي رهيو آهي . هن چيو ته منهنجو اڄ کان پوءِ ڪنهن به قسم جو تعلق ناهي. هن ڊي آئي جي ميرپورخاص ايس ايچ او نئونڪوٽ ايس ايچ او ۽ جوڻو ايس پي ميرپورخاص ايس ايس پي ٿرپارڪر ايس ايس پي ميرپورخاص کان مطالبو ڪيو ته ان خلاف ڪارروائي ڪري تحفظ فراهم ڪيو

بقايا — سنڌيار — 37

ماڻهن طرفان احتجاج زوردار نعريبازي جهمپير ۾ واقع وليد ڪول مائنز ڪمپني خلاف ڪمپني جي مک گيٽ اڳيان سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سوين ڪارڪنن توڙي مقامي ماڻهن ايس يو پي ضلعي صدر خدا بخش ٽيبو فياض سومرو اسد راڄڙ اعجاز ٻرڙو جي اڳواڻي ۾ جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته افغاني پٺاڻن زمينن تي قبضا ڪري مقامي ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي ڪجهه عرصواڳ آدم پير ڪان زمين خريد ڪئي جنهن جو فيصلو پڻ ٿي چڪو آهي ان باوجود به عمر پٺاڻ شاهه خميني ۽ ٻيا بدمعاشي ڪندي قبضو ڪري ويٺل آهن ۽ مقامي ماڻهن مٿان تشدد ڪندا رهن ٿا اڳ به جهيڙا ٿي چڪا آهن هاڻ ۽ خدشو آهي ته جاني نقصان نه ٿئي چو ته افغاني پٺاڻ هٿيارن سوڌو ويٺل آهن ۽ پوليس رڏيرا ۽ ڏوهاري ٻه چند ٽڪن عيوض سندن سهولتڪاري بيا ڪن هنن چيو ته اسان اڳ به پرامن احتجاج ڪيا آهن هاڻ به پرامن ويٺا آهيون ۽ جيستائين معاملو حل نه ٿيندو احتجاج جاري رکنداسين احتجاجي ڌرڻي ۾ بابل لطيف ڪوسو خالد لاشاري شمشاد ميٺو ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي...

بقايا — سنڌيار — 38

مريض رجسٽرڊ آهن.ايچ آءِ وي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ مختلف علائقن ۾ ڪيمپ قائم ڪري اسڪريننگ ڪرڻ جي ضرورت آهي: ڊاڪٽر جليل بوذدار . تفصيل موجب اينٽي ريٽو وائرس ٿراپي (اي آر ٽي) سينٽر سول اسپتال جي انچارج ڊاڪٽر جليل بوذدار چيو آهي ته هيومين امينو ڊفسني وائرس (ايچ آءِ وي) جي مريضن جو منت علاج ڪري مفت دوائون ڏئي رهيا آهيون. ڊاڪٽر جليل بوذدار چيو ته ايچ آءِ وي قابل علاج مرض آهي. جنهن ڪري ايچ آءِ وي جي مريضن کي گهرجي ته اهي پنهنجي زندگي کي هن مرض کان محفوظ ڪرڻ لاءِ اسان جي صحت مرڪز سان رابطو ڪن. هن چيو ته خيرپور ۾ ايچ آءِ وي

جي رجسٽرڊ مريضن جو انگ 147 آهي جن ۾ عورت ۽ مرد شامل آهن. ڊاڪٽر جليل بوذدار چيو ته صحت کاتي جي سي ڊي سي ڊپارٽمينٽ ۽ سماجي تنظيم نئين زندگي سميت مختلف شعبن سان گڏجي ايچ آءِ وي جي مرض تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيون. ڊاڪٽر جليل بوذدار چيو ته ايچ آءِ وي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت. ضلعي انتظاميا ۽ سهڪاري ادارن کي گهرجي ته مختلف علائقن ۾ ميڊيڪل ڪيمپ قائم ڪري ايچ آءِ وي جون ٽيسٽون ڪيون وڃن ته جيئن مريضن جي نشاندگي ڪري انهن جو علاج ڪري انساني زندگيون بچائڻ لاءِ ڪم ڪري سگهجي. ان موقعي تي صحافي شاهد نواز سيال ، ارشد راجپوت ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا — سنڌيار — 39

پاران پوليو مهم جي بائيڪاٽ جو اعلان ڪندي مطالبو ڪيو ته جيسيتائين اسڪول کي بنيادي سهولتون نه ملنديون تيستائين پوليو جو بائيڪاٽ جاري رکو رپورٽ موجب ٺڪرانو ويجهو ڳوٺ نانگرو جي گورنمينٽ برائز پرائمري اسڪول مياندا مهر ۾ سهولتن جي کوٽ خلاف ڳوٺاڻن اسڪولي شاگردن سان گڏ احتجاجي مظاهرو ڪري سهولتن نه ملڻ تائين پوليو مهر جي بائيڪاٽ جو اعلان ڪيو احتجاجي مظاهرو ڪندڙ ڳوٺاڻن محمد مراد مهر محمد ايوب محمد رحيم شاهنواز مهر والي ڏنو ڪبوتر فقير حبيب الله ميوو منگي ۽ ٻين چيو آهي ته اسڪول ۾ در دريون فرنيچر واش روم چارديواري، پيئڻ جي پاڻي سميت ڪي به بنيادي سهولتون نه هجڻ ڪري اسڪول ۾ 250 ڪان مٿي شاگرد سخت تڪليفن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن ڪيترائي معصوم ٻار اسڪول ۾ سهولتن جي اڻهوند سبب صرف ديني تعليم حاصل ڪري واپس گهر وڃي مزدوري ڪرڻ ۽ چوپايو مال چارڻ تي مجبور آهن ڳوٺاڻن چيو آهي ته اسان ڪيترائي پيرا وزير اعلي سنڌ مراد علي شاهه ۽ تعليم کاتي جي اختيارين کي شڪايتون ڪيون آهن پر ان باوجود اسڪول ۾ سهولتون ناهن مليون سگهيون شاگرد پٽ تي ويهي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻن ايندڙ پوليو مهر جو بائيڪاٽ ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته جيسيتائين سهولتون نه ملنديون تيسيتائين 7 ڳوٺن جا پڙهندڙ ٻارڙن جا والدين پوليو مهر جو بائيڪاٽ جاري رکندا ڇاڪاڻ ته اصل معذوري تعليم نه پڙهڻ آهي معذوري هوندي تعليم وارو ترقي ڪري سگهي ٿو تعليم بنا انسان اڌورو آهي

بقايا — سنڌيار — 40

سکر جي قيادت کي سخت تنقيد جو نشانو بڻائيندي آصف علي ڪوسوعلاءَ الدين قريشي نويد ڪوسو صابر پٽي سيد شبير شاهه ۽ ٻين جو چوڻ هو ته حليم عادل شيخ علي پلهه ۽ ٻين پ ب جي اميدوارن سامهون ڪمزور اميدوار بيهاري پي ٽي آءِ جي اثر سنڌ مان هٽ ڪان ٽڏا ويڙهه ڪرائي آهي 2018 ۾ اين اي 200 تان مبين جتوئي کي ستر هزار ووٽ مليا هيا ۽ 2024 ۾ na 200 تي بيهاريل اميدوار گوهر ڪوسو صرف 19 هزار ووٽ ڪنيا اهي به تڪ جي عوام گوهر ڪوسو کي نه پر عمران خان جي محبت ۾ ڏنا صفيه بلوچ ۽ عزيز ابڙو به 2018 جي پيٽ ۾ تمام گهٽ ووٽ کنيا ان جو ڪارڻ چونڊ مهر نه هلائڻ هو پي ٽي آءِ اميدوارن صرف شهر ۾ ريليون ڪڍيون صرف شهر گهمندا رهيا ڳوٺاڻن علائقن ۾ نه جلسا ڪيا نه ئي انتي ماڻهن کي ووٽ لاءِ چيو سنڌ جي قيادت پئسن تي ٽڪيٽون وڪرو ڪيون جنهن سبب پارٽي کي اتر سنڌ ۾ وڏو ڌڪ رسيو آهي مرڪزي قيادت کي اپيل آهي ته سنڌ جي قيادت جي پارٽي ٽڪيٽ ڏيڻ واري عمل جي جاچ ڪرائي وڃي اهڙو اظهارسکر جي گوليمار واري علائقي ۾ سينيئر پي ٽي آءِ ڪارڪن جي ٿيل اجلاس ڪانپوءِ ڪارڪنن ميڊيا سان ڳالهائيندي مٿين ڪارڪنن آصف علي ڪوسوعلاءَ الدين قريشي نويد احمد ڪوسو ٻين وڌيڪ چيو ته حليم عادل شيخ ۽ جنرل سيڪريٽري علي پلهه ڪارڪن جي فون ٿي ناهن ڪنندا جنهن ڪري ڪارڪن مايوسي جو شڪار آهن سنڌ جي قيادت صرف ڪراچي کي ئي سنڌ سمجهي ٿي اندرون سنڌ مان پارٽي جا پراڻا ڪارڪن مايوس ٿي پ ب ۾ شامل ٿي رهيا آهن جيڪڏهن پي ٽي آءِ مرڪزي قيادت سنڌ جي اهڙي قيادت کي نه هٽايو ته پوءِ اندرون سنڌ مان پارٽي کي وڏو نقصان پهچندوسکر ۾ جادم منگي جهڙي ماڻهون کي ٽڪيٽ ڏني وئي جيڪو پئسا وٺي مخالف اميدوار جي حق ۾ ويهي رهيو اسان پي ٽي آءِ چيئرمين ۽ ٻي مرڪزي قيادت تائين پيغام پهچائيون ٿا ته خدارا سنڌ مان پارٽي کي تباهه ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ ٺڪرا قدم ڪنيا وڃن ۽ ڪارڪنن جي داد رسي ڪئي وڃي

بقايا — سنڌيار — 41

ڪيس ان موقعي تي طلاقيل عورت سميران ابڙو ڏانهيندي الزام لڳايو ته مان 2 سال اڳ لاڙڪاڻي جي خانگي بئنڪ مان اتان جي ملازمن منصور ميمڻ ۽ عبدالڪريم ڪوسو معرفت ۾ پيرا قرض ڪنيو ۽ ٿئين پيري مون کي بليڪ ميل ڪندي گذريل سال 3 مارچ تي خانگي بئنڪ جي ملازم منصور ميمڻ پنهنجي هٿيارٻند سائين ارسلان سرهيو. عبدالڪريم ڪوسو ۽ ٻين سان گڏجي گهر ۾ داخل ٿي هٿيارن جي زور تي مون کي جنسي ڏاڍائي بعد تشدد جو نشانو بڻائي فرار ٿي ويا اهڙي واقعي جو اطلاع مون ووميين ٿاڻي جي پوليس کي ڏنو بعد ۾ ايس ايس پي لاڙڪاڻو جي هدايتن تي ٻهرين جنوري تي ووميين ٿاڻي تي جاڻايل ٻااثرن خلاف داخل ڪيو ويو پر پوليس هن وقت تائين ڪنهن به جوابدار کي گرفتار ناهي ڪيو جنهن ڪري جوابدارن گذريل 3 فيبروري تي شهر جي وي آءِ پي روڊ تي حملو ڪري مون کي زخمي ڪري مسلسل ڪيس تان هٽ ڪڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جڏهن ته جاچ ڪندڙ پوليس آفيسر انسپيڪٽر غلام مصطفيٰ سانڌائو ۽ ليڊي انسپيڪٽر رحمت عباسي منهنجي شاهدن مجاهد علي پٽي ۽ سئوٽ سجاد علي کان زبردستي ڪوڙو بيان لکي ڏيڻ لاءِ دٻاءُ وجهي رهيا آهن جيڪا وڏي ناانصافي آهي. هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي جنسي ڏاڍائي ۽ تشدد ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪري جاچ ڪندڙ پوليس آفيسرن خلاف ڪارروائي ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 42

پاران پوليو مهر جي بائيڪاٽ جو اعلان ڪندي مطالبو ڪيو ته جيسيتائين اسڪول کي بنيادي سهولتون نه ملنديون تيستائين پوليو جو بائيڪاٽ جاري رکو رپورٽ موجب ٺڪرانو ويجهو ڳوٺ نانگرو جي گورنمينٽ برائز پرائمري اسڪول مياندا مهر ۾ سهولتن جي کوٽ خلاف ڳوٺاڻن اسڪولي شاگردن سان گڏ احتجاجي مظاهرو ڪري سهولتن نه ملڻ تائين پوليو مهر جي بائيڪاٽ جو اعلان ڪيو احتجاجي مظاهرو ڪندڙ ڳوٺاڻن محمد مراد مهر محمد ايوب محمد رحيم شاهنواز مهر والي ڏنو ڪبوتر فقير حبيب الله ميوو منگي ۽ ٻين چيو آهي ته اسڪول ۾ در دريون فرنيچر واش روم چارديواري، پيئڻ جي پاڻي سميت ڪي به بنيادي سهولتون نه هجڻ ڪري اسڪول ۾ 250 ڪان مٿي شاگرد سخت تڪليفن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن ڪيترائي معصوم ٻار اسڪول ۾ سهولتن جي اڻهوند سبب صرف ديني تعليم حاصل ڪري واپس گهر وڃي مزدوري ڪرڻ ۽ چوپايو مال چارڻ تي مجبور آهن ڳوٺاڻن چيو آهي ته اسان ڪيترائي پيرا وزير اعلي سنڌ مراد علي شاهه ۽ تعليم کاتي جي اختيارين کي شڪايتون ڪيون آهن پر ان باوجود اسڪول ۾ سهولتون ناهن مليون سگهيون شاگرد پٽ تي ويهي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻن ايندڙ پوليو مهر جو بائيڪاٽ ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته جيسيتائين سهولتون نه ملنديون تيسيتائين 7 ڳوٺن جا پڙهندڙ ٻارڙن جا والدين پوليو مهر جو بائيڪاٽ جاري رکندا ڇاڪاڻ ته اصل معذوري تعليم نه پڙهڻ آهي معذوري هوندي تعليم وارو ترقي ڪري سگهي ٿو تعليم بنا انسان اڌورو آهي

بقايا — سنڌيار — 43

پاران پوليو مهر جي بائيڪاٽ جو اعلان ڪندي مطالبو ڪيو ته جيسيتائين اسڪول کي بنيادي سهولتون نه ملنديون تيستائين پوليو جو بائيڪاٽ جاري رکو رپورٽ موجب ٺڪرانو ويجهو ڳوٺ نانگرو جي گورنمينٽ برائز پرائمري اسڪول مياندا مهر ۾ سهولتن جي کوٽ خلاف ڳوٺاڻن اسڪولي شاگردن سان گڏ احتجاجي مظاهرو ڪري سهولتن نه ملڻ تائين پوليو مهر جي بائيڪاٽ جو اعلان ڪيو احتجاجي مظاهرو ڪندڙ ڳوٺاڻن محمد مراد مهر محمد ايوب محمد رحيم شاهنواز مهر والي ڏنو ڪبوتر فقير حبيب الله ميوو منگي ۽ ٻين چيو آهي ته اسڪول ۾ در دريون فرنيچر واش روم چارديواري، پيئڻ جي پاڻي سميت ڪي به بنيادي سهولتون نه هجڻ ڪري اسڪول ۾ 250 ڪان مٿي شاگرد سخت تڪليفن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن ڪيترائي معصوم ٻار اسڪول ۾ سهولتن جي اڻهوند سبب صرف ديني تعليم حاصل ڪري واپس گهر وڃي مزدوري ڪرڻ ۽ چوپايو مال چارڻ تي مجبور آهن ڳوٺاڻن چيو آهي ته اسان ڪيترائي پيرا وزير اعلي سنڌ مراد علي شاهه ۽ تعليم کاتي جي اختيارين کي شڪايتون ڪيون آهن پر ان باوجود اسڪول ۾ سهولتون ناهن مليون سگهيون شاگرد پٽ تي ويهي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻن ايندڙ پوليو مهر جو بائيڪاٽ ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته جيسيتائين سهولتون نه ملنديون تيسيتائين 7 ڳوٺن جا پڙهندڙ ٻارڙن جا والدين پوليو مهر جو بائيڪاٽ جاري رکندا ڇاڪاڻ ته اصل معذوري تعليم نه پڙهڻ آهي معذوري هوندي تعليم وارو ترقي ڪري سگهي ٿو تعليم بنا انسان اڌورو آهي

بقايا — سنڌيار — 44

ڪيس ان موقعي تي طلاقيل عورت سميران ابڙو ڏانهيندي الزام لڳايو ته مان 2 سال اڳ لاڙڪاڻي جي خانگي بئنڪ مان اتان جي ملازمن منصور ميمڻ ۽ عبدالڪريم ڪوسو معرفت ۾ پيرا قرض ڪنيو ۽ ٿئين پيري مون کي بليڪ ميل ڪندي گذريل سال 3 مارچ تي خانگي بئنڪ جي ملازم منصور ميمڻ پنهنجي هٿيارٻند سائين ارسلان سرهيو. عبدالڪريم ڪوسو ۽ ٻين سان گڏجي گهر ۾ داخل ٿي هٿيارن جي زور تي مون کي جنسي ڏاڍائي بعد تشدد جو نشانو بڻائي فرار ٿي ويا اهڙي واقعي جو اطلاع مون ووميين ٿاڻي جي پوليس کي ڏنو بعد ۾ ايس ايس پي لاڙڪاڻو جي هدايتن تي ٻهرين جنوري تي ووميين ٿاڻي تي جاڻايل ٻااثرن خلاف داخل ڪيو ويو پر پوليس هن وقت تائين ڪنهن به جوابدار کي گرفتار ناهي ڪيو جنهن ڪري جوابدارن گذريل 3 فيبروري تي شهر جي وي آءِ پي روڊ تي حملو ڪري مون کي زخمي ڪري مسلسل ڪيس تان هٽ ڪڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جڏهن ته جاچ ڪندڙ پوليس آفيسر انسپيڪٽر غلام مصطفيٰ سانڌائو ۽ ليڊي انسپيڪٽر رحمت عباسي منهنجي شاهدن مجاهد علي پٽي ۽ سئوٽ سجاد علي کان زبردستي ڪوڙو بيان لکي ڏيڻ لاءِ دٻاءُ وجهي رهيا آهن جيڪا وڏي ناانصافي آهي. هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي جنسي ڏاڍائي ۽ تشدد ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪري جاچ ڪندڙ پوليس آفيسرن خلاف ڪارروائي ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 45

پاران پوليو مهر جي بائيڪاٽ جو اعلان ڪندي مطالبو ڪيو ته جيسيتائين اسڪول کي بنيادي سهولتون نه ملنديون تيستائين پوليو جو بائيڪاٽ جاري رکو رپورٽ موجب ٺڪرانو ويجهو ڳوٺ نانگرو جي گورنمينٽ برائز پرائمري اسڪول مياندا مهر ۾ سهولتن جي کوٽ خلاف ڳوٺاڻن اسڪولي شاگردن سان گڏ احتجاجي مظاهرو ڪري سهولتن نه ملڻ تائين پوليو مهر جي بائيڪاٽ جو اعلان ڪيو.

روزاني سنڌيار ڪي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار — ايڊيٽر اعجاز مهر — Reg No 2677 — ABC Certified — ڪراچي — Daily SINDHYAR Karachi — NTN 4129440-8 — www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com